سال (18) اڱارو 18 نومبر 2025ع 26 جمادي الاول 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيا شمارو (58)

ABC
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اڱارو 18 نومبر 2025ع 26 جمادي الاول 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيا شمارو (95)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi Tuesday 18th November 2025
Daily Ibrat Hyderabad Tuesday 18th November 2025

آزاد ڪشمير اسيمبلي ۾ بي اعتمادي رٿ ڪامياب، فيصل ممتاز راٺوڙ نئون وزيراعظم چونڊجي ويو

آزاد جمون ڪشمير قانون ساز اسيمبلي جي خاص اجلاس ۾ اڳوڻي وزيراعظم چوڌري انوار الحق خلاف بي اعتمادي رٿ تي بحث ٿيو جنهن کانپوءِ ايوان ۾ ووٽنگ ڪرائي وئي

بي اعتمادي رٿ جمعي ڏينهن 14 نومبر تي اسيمبلي ميمبرن چوڌري قاسم مجيد، سردار جاويد ايوب، ملڪ ظفر اقبال، علي شان سوني ۽ محمد رفيق نيئر جمع ڪرائي هئي

53 رڪني ايوان ۾ وزيراعظم جي چونڊ لاءِ 27 ووٽ گهربل هئا، فيصل ممتاز راٺوڙ 36 ووٽ حاصل ڪري واضح برتري سان ڪاميابي حاصل ڪئي، ووٽنگ ۾ پ پ جي 17 ميمبرن راٺوڙ جي حق ۾ ووٽ ڏنو

فيصل ممتاز راٺوڙ موجوده اسيمبلي جو چوٿون وزيراعظم هوندو، ووٽنگ کان اڳ شهر ۾ سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا، حلف برداري ۾ پ پ جي مرڪزي قيادت جي شرڪت جو امڪان

نئين حڪومت ۾ به وڏا سياسي چئلينجز درپيش، اليڪشن ڪميشن جي معاهدن تي عملدرآمد ۽ ڪابينا کي 20 وزيرن تائين محدود رکڻ به نئين حڪومت لاءِ وڏي آزمائش هوندي

مظفرآباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ ۽ اسيمبلي ميمبر فيصل ممتاز راٺوڙ آزاد جمون ڪشمير جو 16 هون وزيراعظم چونڊجي ويو. نئين وزيراعظم جي حلف برداري تقريب (اڄ) اڱاري ڏينهن منعقد ٿيندي. سومر ڏينهن آزاد جمون ڪشمير قانون ساز اسيمبلي جي خاص اجلاس ۾ اڳوڻي وزيراعظم چوڌري انوار الحق خلاف بي اعتمادي رٿ تي بحث ٿيو

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

جسٽس محمد ڪامران خان ملاخيل بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي رڳي چيف جسٽس جو حلف کڻي ورتو

ڪوئيٽا (اي پي پي) جسٽس محمد ڪامران خان ملاخيل بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي وقتي چيف جسٽس جو حلف کڻي ورتو.

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

دوست ملڪن مان ٻطرفي واپار سميت مختلف شعبن ۾ تعاون کي هٿي ملي رهي آهي: عطاءُالله تارڙ

حڪومت معيشت کي بحران کان ترقي ۽ پرڏيهي لاڳاپن کي اڪيلائپ کان عالمي اهميت طرف منتقل ڪري ڇڏيو آهي

حڪومت اهڙي پاليسي اختيار ڪئي، جنهن تحت ان کي سفارتي ميدان ۾ ڪيترين ئي ڪاميابيون مليون آهن

حقيقت اها آهي ته دهشتگردي کان سڀ کان وڌيڪ متاثر هجڻ جي باوجود پاڪستان جي خلاف باقاعده پروپيگنڊه ڪئي وئي

جيڪو اتحاد اسان ڏيکاريو ان کي تسليم ڪرڻ پوندو، پاڪستاني عوام جي حوصلا مندي ۽ يڪجهتي اختلافن کي پٺتي ڇڏي ڇڏيو

افغانستان جي معاملي ۾ به پاڪستان وٽ ناقابل ترديد ثبوت موجود آهن ته افغان سرزمين دهشتگردي جي لاءِ استعمال ٿيندي رهي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُالله تارڙ چيو آهي ته حڪومت معيشت کي بحران کان ترقي ۽ پرڏيهي لاڳاپن کي اڪيلائپ کان عالمي اهميت طرف منتقل ڪري ڇڏيو آهي، دوست ملڪن مان ٻطرفي واپار سميت

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: آسٽريليا، ماريشس، ڊينمارڪ ۽ متحده عرب امارات جا نوان مقرر ڪيل سفير صدر آصف علي زرداري کي سندن ڪاغذ پيش ڪري رهيا آهن

لاهور هاءِ ڪورٽ: پي ٽي آءِ باني جي سمورن ڪيس کي گڏ ڪرڻ جي درخواست پيروي نه ٿيڻ سبب خارج

لاهور (اي پي پي) لاهور هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ باني جي سمورن ڪيس کي گڏ ڪرڻ جي درخواست پيروي نه ٿيڻ سبب خارج

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

وفاقي آئيني عدالت ڪنگ ايڊورڊ ميڊيڪل يونيورسٽي جي وائيس چانسلر جي مقرري جي معاملي تي لاهور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت ڪنگ ايڊورڊ ميڊيڪل يونيورسٽي جي وائيس چانسلر جي مقرري جي معاملي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

صدر کي چئن نون مقرر ٿيندڙ سفيرن پاران سفارتي سندون پيش

صدر آصف زرداري سفيرن کي مقرري تي مبارڪباد ڏني ۽ اعتماد جو اظهار ڪيو

نون سفيرن ۾ آسٽريليا جو هاءِ ڪمشنر ٽم ڪين ۽ ماريشس جو هاءِ ڪمشنر منمو ڪرمياڪس شامل

ڊينمارڪ جو نئون مقرر سفير ميجا مورٽينسن ۽ گڏيل عرب امارات جو سفير سالم الزعبي شامل

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري کي چئن نون مقرر ٿيندڙ سفيرن ايوان صدر ۾ منعقد پروقار تقريب دوران پنهنجون سفارتي سندون پيش ڪيون، صدر سفيرن کي مقرري تي مبارڪباد ڏني ۽

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم طرفان ڪراچي سرڪلر ريلوي جي بحالي جو اعلان، ريلوي هڪ سڙيل نظام بڻجي چڪو آهي: شهباز شريف

مياں شهباز شريف هڪ ڏينهن جي مختصر دوري تي ڪراچي پهتو، فيصل بيس تي سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه، چيف سيڪريٽري ۽ آءِ جي پوليس ۽ ٻين سندس استقبال ڪيو

ڪينٽ اسٽيشن تي شاليمار ايڪسپريس جي نئين ٽرين ۽ اسٽيشن جي اپ گريڊ ٿيل وي آءِ پي لائونجز ۽ ويٽنگ ايرياز اي ٽي ايم مشين ۽ مفت وائي فائي جي سهولت جو افتتاح ڪيو

پاڪستان ريلوي جديد نظام ڏانهن گامزن آهي، اميد آهي ته ڪجهه سالن ۾ ريلوي خطي جو شاندار ٽرانسپورٽ سسٽم بڻجي ويندو ۽ صوبن سان شراڪتداري جا مثبت نتيجا نظر ايندا: شهباز شريف

پارٽنرشپ جو دائرو بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهه حڪومتن سان به وڌايو ويجي، سموري ملڪ ۾ ريلوي نظام جي اپ گريڊ لاءِ جيتري به رقم گهربل هوندي اها فراهم ڪئي ويندي

جيڪڏهن تهران کان استنبول تائين رستو بحال ٿئي ٿو ته پاڪستان ريلوي کي چار مهينا لڳندا، شاليمار ايڪسپريس کي مڪمل طور تي نئين ٽرين ڪينٽ اسٽيشن کي جديد بڻايو ويو آهي

ٽرجي ڪوئلي جي منتقلي لاءِ وفاق ۽ سنڌ حڪومت پاڻ ۾ تعاون ڪري رهيون آهن، حنيف عباسي پنهنجي ٽيم سان گڏ ريلوي جي سڙيل نظام کي جديد بڻايو آهي: تقريب کي خطاب

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي/ راهب گاهو) وزيراعظم ميان محمد شهباز شريف گذريل ڏينهن هڪ مختصر پر اهم دوري تي ڪراچي پهتو. وزيراعظم جي ڀيرين دوري جو مرڪز ڪينٽ ريلوي اسٽيشن هو. وزيراعظم شهباز شريف هڪ ڏينهن جي دوري تي ڪراچي پهچي ويو. وزيراعظم شهباز شريف فيصل بيس پهتو جتي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، چيف

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وزيراعظم شهباز شريف نوابزادا جام ڪرم علي خان جي رهائش گاهه تي ساڻن گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

وزيراعظم ڪراچي ۾ جام ڪرم علي ۽ جام قائم علي جي رهائشگاهه تي پهتو

اڳواڻن وچ ۾ ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال سميت مختلف معاملن تي ڳالهيون ٿيون

ملاقات دوران ڪراچي ۾ مقرر دوست ملڪ جي قونصلٽ جنرلز به شرڪت ڪئي

ڪراچي: وزيراعظم محمد شهباز شريف

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ڪي سي آر منصوبي ۾ وفاق ۽ ريلوي اختيارين سان مڪمل تعاون ڪندي: وڏو وزير

ڪراچي سرڪار ريلوي جو وڏو منصوبو صوبائي حڪومت اڪيلي سر مڪمل نٿي ڪري سگهي

وفاقي حڪومت طرفان ريلوي لائينن ۽ برانچن جي اپ گريڊيشن سنڌ واسين لاءِ انتهائي مثبت قدم آهي

صوبي ۾ ٽرانسپورٽ سسٽم جديد بڻائڻ لاءِ قدم کڻون پيا، موٽروي کي تيزي سان مڪمل ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه وزيراعظم محمد شهباز شريف کان ڪراچي سرڪلر ريلوي (KCR)منصوبي لاءِ وفاقي سهڪار جي اپيل ڪئي آهي. هن چيو ته KCRجهڙو وڏو منصوبو صرف سنڌ حڪومت اڪيلي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي ٽرائل عدالت شاهه محمود قريشي جي ضمانت وارين درخواستن تي پراسيڪيوشن کي رڪارڊ پيش ڪرڻ جي مهلت ڏئي ڇڏي

لاهور (اي پي پي) لاهور جي دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت شاهه محمود قريشي جي 3 ڪيسن ۾ آزادي لاءِ ضمانت جي درخواستن تي پراسيڪيوشن کي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پاڪستان هاڻي پائيدار اقتصادي اوسر جي راهه تي گامزن آهي: ناڻي وزير

آبادي جي لحاظ کان وسيلن جو انتظام ڪرڻو پوندو، موسمياتي تبديليون بنيادي خطرو آهي

پاڪستان ۾ آبادي ۾ اضافي جي شرح 2.5 سيڪڙو جي ويجهو آهي ۽ اها تمام وڌيڪ آهي

موسمياتي تبديلي واري وزارت ۽ لاڳاپيل ادارن سان گڏ هر قسم جي مدد لاءِ تيار آهيون: محمد اورنگزيب

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصول بابت وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته پاڪستان استحڪام جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ملتان: وفاقي وزير عليم خان موٽروي پوليس جي شهيدن جي جنازي نماز ۾ شريڪ آهي

پاڪستان ۾ ڀهرين پيرو سروائيڪل ڪينسر جي خاتمي جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو

عالمي اداري جي 78هين عالمي اسيمبلي جي فيصلي تحت عالمي سطح تي تسليم ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان دنيا

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪيلگري ۾ سنڌي ثقافتي ڏينهن ملهايو ويو، البرٽا ۾ سڀ کان وڏي تقريب

ڪئنيڊين حڪومت جي ٽنهي سطحن جي نمائندن جسراج هالن، دلوِندر گل، امان پريت گل سميت ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي

شازيه ميڪس ميمڻ کي خدمتن تي خصوصي ايوارڊ سان نوازيو ويو، سنڌي اڳواڻن کي خراج تحسين پيش

مشهور سنڌي ڳائڻي انيتا فدا تقريب روح پرور پرفارمنس تقريب کي جاندار بڻايو، سڄي ماحول کي رقص ۽ خوشي سان ڀريو

ڪيلگري (م ڊ) هن هفتي ڪيلگري ۾ سنڌي ثقافتي ڏينهن وڏي شان ۽ شوڪت سان ملهايو ويو جنهن ۾ ڪيلگري، ايڊمونٽن، ليٿ برج، ميڊيسن هيٽ ۽ ريڊ ڊيئر جي دوستن ۽ برادري جي ميمبرن جي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪيلگري: سنڌي ثقافتي ڏهاڙي جي تقريب ۾ شريڪ سنڌواسي راڳ تي رقص ڪري رهيا آهن

بنگلاديش جي اڳوڻي وزيراعظم شيخ حسينه واجد کي انسانيت خلاف ڏوهن ۾ موت جي سزا ڏيڻ جو حڪم

ڪيترن ئي مهينن کان هلندڙ ڪيس جي فيصلي ۾ شيخ حسينه کي گذريل سال شاگردن جي اڳواڻيءَ ۾ ٿيل احتجاج تي ڪريڪ ڊائون جو حڪم ڏيڻ تي ڏوهي قرار ڏنو ويو

عدالت ۾ ڪيس جي ٽن ملزمن مان صرف هڪ موجود هو، اڳوڻي آءِ جي پوليس چوڌري عبدالله المامون ڏوهه جي صحت قبول ڪئي هئي ۽ هو سلطاني شاهد بڻجي ويو

هلندڙ سال شيخ حسينه واجد جي فون جي هڪ اهڙي آڊيو جي تصديق ڪئي وئي، ڪيس اهو چوندي ٻڌي سگهجي ٿو ته هن مظاهرن خلاف خطرناڪ هٿيار استعمال ڪرڻ جو چيو

رڪارڊنگ ۾ شيخ حسينه واجد کي هڪ سينيئر حڪومتي اهلڪار سان ڳالهائيندي ٻڌي سگهجي ٿو، جيڪو هن وقت تائين سلمهون اينڊڙ سپهه کان اهم ثبوت قرار ڏنو ويو

شاهدين مليون آهن ته شيخ حسينه واجد جولاءِ ۽ آگسٽ 2024ع ۾ شاگردن جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاج کي دٻائڻ لاءِ خطرناڪ هٿيار استعمال ڪرڻ جا سڌيءَ ريت حڪم ڏنا هئا: عدالت

شيخ حسينه واجد 1947ع ۾ اوڀر بنگال ۾ پيدا ٿي ۽ سياست سندس رت ۾ وسيل آهي، هوءَ قوم پرست اڳواڻ شيخ مجيب الرحمان جي ڌيءَ آهي

ڍاڪا (اي پي پي) بنگلاديش جي خاص عدالت اڳوڻي وزيراعظم شيخ حسينه واجد کي انسانيت خلاف ڏوهن ۾ موت جي سزا ٻڌائي وئي پرڏيهي ميڊيا موجب ڪيترن ئي مهينن کان هلندڙ ڪيس جو فيصلو آخرڪار ٻڌايو ويو جنهن ۾ شيخ حسينه کي گذريل سال شاگردن جي اڳواڻيءَ ۾ ٿيل

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ماسڪو پهچي ويو

ماسڪو (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ماسڪو پهچي ويو جتي هو 17 کان 18

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

فتنه الخوارج مذهب جي نالي تي نوجوانن کي ورغلائي پاڪ فوج خلاف ذهن سازي ڪن ٿا: انڪشاف

ڪمانڊر بدري، ڪمانڊر مشتاق، ڪمانڊر گرنيڊ ۽ ڪمانڊر اسلام الدين لاءِ 3 سال تائين سهولتڪاري ڪندو رهيس: دهشتگرد

خوارجين ڪوڙ ڳالهايو ته پاڪ فوج ڪافر آهي پر حقيقت ۾ خوارج پاڻ ڪافر ۽ مرتد آهن، پر مون جوانن کي نماز پڙهندي ڏٺو آهي

وجوانن کي اپيل آهي ته پاڪ فوج جو ساٿ ڏين ته جيئن دهشتگرد عنصرن جي روڪٿام ۽ خاتمو ٿي سگهي

اسلام آباد (اي پي پي) خوارجي دهشتگرد فتنه الخوارج جي حوالي سان انڪشاف ڪندي چيو آهي ته فتنه الخوارج مذهب جي نالي تي نوجوانن کي ورغلائي پاڪ فوج خلاف ذهن سازي ڪن ٿا. تفصيل مطابق خوارجي دهشتگرد انڪشاف ڪيو ته فتنه الخوارج مذهب جي نالي تي نوجوانن کي ورغلائي انهن کي پاڪ فوج خلاف اڪسائين ٿا، منهنجو نالو احسان الله ولد

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وزيراعظم شهباز شريف اڳوڻي وڏي وزير آفتاب شعبان ميراڻي جي وارثن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

عوامي ليگ کان سواءِ اليڪشن ٿيڻ نه ڏينداسين: شيخ حسينه واجد جي پٽ جو بيان

والده هن وقت ڀارت ۾ آهي جتي ڪيس ڀرپور تحفظ فراهم ڪيو پيو وڃي: سجيب واجد

عوامي ليگ تان پابنديون هٽائڻ جو في الحال ڪو به منصوبو غور هيٺ ناهي

ڍاڪا (اي پي پي) بنگلاديش جي اڳوڻي وزيراعظم شيخ حسينه واجد جي پٽ ۽ صلاحڪار خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي بار ايسوسيئيشن پاران ضلعي عدالتن ۾ مڪمل هڙتال جو اعلان

سکر ڪنوينشن جي فيصلي موجب وڪيلن پاران ٽوڪن بائيڪاٽ پڻ ڪيو ويو

اڄ کان 22 نومبر تائين سمورن ضلعن جي عدالتن ۾ علامتي هڙتال جو اعلان ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي بار ايسوسيئيشن ڪراچي جي ضلعي عدالتن ۾ مڪمل هڙتال جو اعلان ڪيو آهي. سنڌ بار ڪائونسل جي فيصلي جي روشني ۾ وڪيلن پاران ٽوڪن عدالتن جو بائيڪاٽ ڪيو ويو. ڪراچي بار جي صدر عامر وڙائچ چيو ته سکر ڪنوينشن جي ڪيل فيصلي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ايم اين اي عبدالقادر پٽيل وزيراعظم شهباز شريف کي ٽوپي پارائيندي

ايم ڪيو ايم سالن کان ملڪ جي مسئلن جو آئيني حل ڏئي رهي آهي: مصطفيٰ ڪمال

اليڪشن کان پوءِ حڪومت ۾ شامل ٿيڻ جي اڄ ٽي پر اسين آئيني ترميم جي ايجنڊا تي قائم رهياسين

ن ليگ سان معاهدو ٿيو ته اسانجو جو تجويز ڪيل بل ترميمي عمل جو حصو بڻايو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سينيئر مرڪزي اڳواڻ سيد مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته ايم ڪيو ايم ڪيترن سالن کان ملڪ جي موجوده مسئلن جو آئيني حل ڏئي رهي آهي ۽ اسان پاڪستان ۽ پاڪستانين کي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا. بهادرآباد مرڪزي آفيس

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ انڌي گولي لڳڻ سبب موٽرسائيڪل تي سوار 5 سالن جو ٻارڙو قتل ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ اورنگي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ٽرڪول ڪمپنين جو ڌرتي ڌڻين سان ڏاڍ، حق گهرندڙ 50 پورهيت فارغ

هونڊا ڪمپني 50 کان وڌيڪ مزدورن سميت پورهيتن کي بيروزگار ڪري ڇڏيو

پورهيت پگهار گهٽائڻ ناجائز ڪٽوتين ۽ بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف احتجاج جاري رکيو

مقامي پورهيتن کي تنگ ڪري ٺيڪالي ڏيڻ ۾ اصل سائينو سنڌ ڪمپني ملوث آهي:مظاهرين

اسلام ڪوٽ(رپورٽ:سڪندر علي ٻجير) ٿرڪول بلاڪ ون تي ڪم ڪندڙ ڪمپنين ڌرتي ڌڻين کي روزگار ڏيڻ بدران ڏاڍ ڏريعي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ملير ڪورٽ ۾ وڪيلن سان ڇڪتاڻ بعد اسٽيل ملز جو سيڪيورٽي انچارج گرفتار

عدالت ۾ ضمانت لاءِ پهتل سيڪيورٽي انچارج دائود ڪياني ۽ وڪيلن ۾ تلخ ڪلامي ٿي

پوليس سيڪيورٽي انچارج کي حراست ۾ وٺي ڇڏيس سندس خلاف پيڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملير ڪورٽ ۾ پاڪستان اسٽيل ملز جي سيڪيورٽي انچارج دائود ڪياني ۽ وڪيلن ۾ تلخ ڪلامي ٿي. ضمانت ڪرائڻ لاءِ آيل سيڪيورٽي انچارج کي پوليس حراست ۾

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ايم ڪيو ايم وارن هميشه فنڊز ۽ وزارتون وٺي ڪراچي جو سستو سودو ڪيو: سعديه جاويد

هنن لوڪل گورنمينٽ کي سڀ کان وڌيڪ نقصان پهچايو ڪين اختيار نه پر پيداگيري وارو نظام گهرجي

سنڌ هڪ آهي ۽ هميشه هڪ رهندي، سنڌ کي ٽوڙڻ جا خواب ڏسندڙ پاڻ ٽٽي چڪا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد چيو آهي ته لسانيات جو چورن وڪڻندڙ هميشه رڙيون ڪندا رهندا. سعديه جاويد چيو ته ايم ڪيو ايم وارن هميشه ڪراچي جو سستو سودو ڪيو فنڊز ۽ وزارتون وٺي اڄ دعوائون ٿا ڪن ته وڌيڪ به وٺي سگهون ٿا. انهن چيو ته

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

پ پ چيئرمين پاران 30 نومبر تي ضلعي سطح تي يوم تاسيس ملهائڻ جو اعلان

ملڪ جي سڀني ضلعن ۾ يوم تاسيس سلسلي ۾ پروگرام منعقد ڪيا ويندا: پڌرائي

تقريبن ۾ پيپلزپارٽي جي پنجاهه ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي جي جدوجهد کي اجاگر ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايت تي پاڪستان پيپلز پارٽي 30 نومبر تي ضلعي سطح تي يوم تاسيس ملهائڻ جو اعلان پاڪستان پيپلز پارٽي جي سيڪريٽري جنرل هماي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ايم ڪيو ايم جي سياست ختم ٿي چڪي آهي، دنيا جي ڪا به طاقت سنڌ کي ورهائي نٿي سگهي: شرجيل ميمڻ

27 هين ترميم بلاول ڀٽو زرداري جي ٽوئيٽ سان شروع ٿي، پ پ صوبائي حقن جي سڀ کان وڏي ضامن آهي

ترميم ۾ صوبن جي حصي جي تحفظ کي ختم ڪرڻ سميت ڪيترائي نقطا پيپلز پارٽي قبول نه ڪيا

پيپلز پارٽي عدالتن جو سڀ کان وڌو شڪار رهي آهي، ايم ڪيو ايم کي مثبت سياست اختيار ڪرڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ايم ڪيو ايم جي وفاقي وزير اڄ بنا ڪنهن تياري جي پريس ڪانفرنس ڪري پيپلز پارٽي تي بي بنياد الزام لڳايا، ايم ڪيو ايم جي سياست ختم ٿي چڪي آهي ۽ ان کي بحال ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي پئي وڃي ايم ڪيو ايم زميني حقيقتن ڏسڻ کان پوءِ مڪاني چونڊن جو بائيڪاٽ

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل ميمڻ ۽ صوبائي وزير ناصر شاهه پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

ڪراچي ۾ قتل ٿيل شخص جي زال ۽ سندس عاشق گرفتار، ڏوهه جو اعتراف

شاهه لطيف ٽائون پوليس گهر ويجهو شهري ياسين کي ڪهاڙين هڻي قتل ڪيو ويو هو

پوليس جاچ ڪندي مقتول جي زال آمينه ۽ سندس مبينا عاشق علي اڪبر کي گرفتار ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهه لطيف ٽائون پوليس گهر جي ويجهو ٿيل قتل ڪيس ۾ وڏي اڳڀرائي ڪندي مڙس جي قتل ۾ ملوث زال ۽ سندس مبينا عاشق سميت ٻنهي جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس موجب هي گرفتاري جاچ دوران اهم ثبوت ملڻ کان پوءِ عمل ۾ آئي آهي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت هاءِ ڪورٽ بابت آئيني بينچز آرڊيننس جاري ڪري ڇڏيو

آرڊيننس جاري ٿيڻ بعد آئيني درخواستون هاڻ خصوصي آئيني بئنچون ٻڌنديون ڪنديون

ججن جي نامزدگي جوڊيشل ڪميشن ڪندو، عهدي جي مدي گهٽ ۾ گهٽ ڇهه مهينا هوندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت آئيني بينچز هاءِ ڪورٽ آف سنڌ (پريڪٽس اينڊ پروسيجر) آرڊيننس 2025ع جاري ڪري ڇڏيو آهي گورنر جي منظوري کان طور آرڊيننس فوري طور تي نافذالعمل هوندو. آئيني درخواستون هاڻ آئيني خصوصي بئنچون ئي ٻڌنديون ڪنديون. آرٽيڪل 202

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ تيز رفتار گاڏي جو اسڪوٽي کي ٽڪر، هڪ عورت فوت ٻي زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سپر هاءِ وي ڊنبه

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ثقافتي ميلو دنيا جي قومن کي ويجهو آڻڻ جو پل ثابت ٿي رهيو آهي: پرڏيهي اڳواڻ

عالمي ثقافتي ميلي ۾ فرانس جو مشهور پت پُريون دوستي ۽ ثقافتي هم آهنگي جو ڏيک آهي

پاڪستان ۾ مقرر فرانس جي سفير پنهنجي زال ۽ ٻين اڳواڻن سان گڏ آرٽس ڪائونسل جو دورو ڪيو

ثقافتي نمائشون ۽ فنون لطيفه جا پروگرام دنيا جي ثقافتن کي گڏ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي دنيا جي مختلف ثقافتن کي هڪ ٺٽي سان جوڙڻ جو اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي عالمي ثقافتي ميلي ۾ فرانس جو مشهور پت پُريون

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آرٽس ڪائونسل ۾ ٿيل ڪلچرل فيسٽيول ۾ پرڏيهي رقاص ناچ پيش ڪري رهيون آهن

عمرڪوٽ ۾ ٻن سونارن جي دڪانن مان ڪروڙين روپين جو سون چور ڀڃي ويا

چور سوناري مڏن مالهي ۽ انيل سوني جي دڪانن جا تالا ٽوڙي 40 تولا سون ۽ 10 ڪلو چاندي کڻي فرار ٿي ويا

واقعي خلاف دڪاندارن عائشه ۽ سونارا مارڪيٽ ۾ هڙتال ڪري ڪاروبار بند ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو

اسان جي پرامن علائقي ۾ اهڙي واردات ناقابل برداشت آهي اسان سونارن سان گڏ آهيون، هر ممڪن مدد ڪبي: امير علي شاهه

عمرڪوٽ(رپورٽ قاضي يوسف) عمرڪوٽ ۾ رات دير سان عائشه مارڪيٽ ۽ راڻا چوڪ ۾ نامعلوم چور سوناري مڏن مالهي ۽ انيل سوني جي سونارڪي دڪانن جا تالا ٽوڙي دڪانن ۾ پيل تقريبن 40 تولا کان وڌيڪ سون ۽ 10 ڪلو کان وڌيڪ چاندي ڀهاري دڪانن ۾ لڳل سي سي ٽي وي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

عمرڪوٽ: ڌاڙي بعد شهري احتجاج ڪري رهيا آهن ٻي طرف ايم پي اي امير علي شاهه ساڻن ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي ۾ رينجرز جي ڪارروائي، ڀتاخوري ۽ ٻين وارداتن ۾ ملوث جوابدار گرفتار، هٿيار هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) خفيه معلومات جي بنياد تي ڪارروائي ڪندي ڪراچي جي علائقي ملير سان ڀتوخوري ۽ ٻين وارداتن ۾ ملوث

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

بدين لڳ پاڪستان فشر فوڪ فورم پاران ماهيگير ميلو ۽ ڪانفرنس

صوبائي حڪومت ماهيگيرن کي محنت ڪش جو درجو ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن: مهراڻ شاهه

ڪانفرنس ۾ مشڪلاتن کي اجاگر سان گڏ ڀارت جي ٿيڊ ماهيگيرن جي آزادي جو مطالبو ڪيو ويو

بدين (ڊ ر) پاڪستان فشر فوڪ فورم طرفان بدين جي ساحلي علائقي ۾ ڪن ڏينهن جي ماهيگير ميلي جي موقعي تي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

باڪو: وفاقي وزير شزا فاطمه سعودي جي ڊپٽي گورنر عبدالله عبدالرحمان کي شيلڊ ڏئي رهي آهي

مورو لڳ زمين جي مالڪي تان جهيڙي ۾ زخمي نوجوان اسپتال ۾ فوت

ڳوٺ ملو خان ڪوٽو ۾ ٿيل جهيڙي ۾ زخمي وڪيل ڪوٽو اسپتال ۾ دم ڏئي حوالي ڪيو

جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف تحفظ فراهم ڪيو وڃي: وارث

مورو(ن ع) گذريل ڏينهن مورو ويجهو ڳوٺ ملو خان ڪوٽو ۾ ڏيڍ ايڪڙ زرعي زمين جي مالڪي تان ٿيندڙ جهيڙي ۾ ڪهاڙين ۽

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

مورو ويجهو تيز رفتار ڪوچ جو رڪشا چنگچي کي ٽڪر سبب 3 ڄڻا فوت، عورت زخمي

قومي شاهراهه طارق پمپ وٽ حادثي ۾ ڊرائيور، سوار اسرار ۽ واحد بخش ٻگهيو موقعي تي فوت ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي زخمي عورت ۽ لاش ڪٺائي تعلقي اسپتال منتقل ڪري لاش وارثن حوالي ڪيا

وارثن پاران لاش قومي شاهراهه تي رکي احتجاجي ڌرڻو هنيو، پوليس انصاف جو يقين ڏيارڻ احتجاج ختم ڪرايو

مورو (رپورٽ خدا بخش سيمڻ) قومي شاهراهه طارق پمپ وٽ تيز رفتار ڪوچ جو رڪشا چنگچي کي خوفناڪ ٽڪر جنهن نتيجي ۾ ڊرائيور ۽ سوار اسرار ۽ واحد بخش ٻگهيو موقعي تي فوت ٿي ويا ۽

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

حڪومت عوام کي دوائن جي مسلسل فراهمي يقيني بڻائي: وفاقي آئيني عدالت جو حڪم

وفاقي آئيني عدالت ڊريپ کان جان بچائيندڙ دوائن جي سڄي ملڪ ۾ دستيابيءَ بابت جامع رپورٽ گهري ورتي

آئيني عدالت جي چيف جسٽس جسٽس امين الدين خان جي سربراهيءَ ۾ 3 رڪني بينچ ڪالهه ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

درخواستگذار عوامي مفاد لاءِ عدالت سان رجوع ڪيو آهي، ڊريپ کان دوائن جي دستيابيءَ جي حوالي سان تفصيلي رپورٽ پيش ڪري: عدالت جو حڪم

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت ڊرگ ريگيوليٽري اٿارٽي آف پاڪستان (ڊريپ) کان جانيون بچائيندڙ دوائن جي سڄي ملڪ ۾ دستيابيءَ بابت جامع رپورٽ طلب ڪندي ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏي. وفاقي آئيني عدالت جي چيف

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

چنيوٽ: وفاقي صلاحڪار راڻا ثناءُالله ختم نبوت ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

سيوهڻ ويجهو ڪاٽن فيڪٽري ۾ ڪم دوران مشين ۾ اچي پورهيت ڪٽجي فوت

ڳوٺ پڪا چنا ساماهون قائم لال ڪوهستان ڪاٽن فيڪٽري جو پورهيت ياسين مشين ۾ وچڙي ويو

فوتي ڏهاڙي تي مزدوري ڪندو هو لاش پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

سيوهڻ (ن ع) سيوهڻ لڳ ڳوٺ پڪا چنا سامهون قائم لال ڪوهستان ڪاٽن فيڪٽري جي مشين ۾ اچي پورهيت ياسين

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

شهدادپور ۾ پاڻي جي ٽانڪي ڪرڻ سبب راهگير فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڪلوئي پاڙي ۾ 40 ورهين جو دانش ولد علي نواز ڪلوئي زخمي ٿي پيو

زخمي کي اسپتال نيو ويو جتي ڊاڪٽرن فوتگي جي تصديق ڪئي ته ڪهرام مچي ويو

شهدادپور (ن ع) شهدادپور جي ڪلوئي پاڙي ۾ پاڻي جي ٽانڪي ڪرڻ سبب راهگير 4ٻارڙن جو پيءُ نوجوان 40 سالا دانش

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب ۾ ڀارتي عمره زائرين جي بس مدينه منوره ويجهو آئل ٽينڪر سان ٽڪرائجي وئي، 42 زائرين فوت

زائرين صبح جو هڪ بس ۾ مڪي کان مدينه منوره وڃي رهيا هئا ته سندن بس هڪ آئل ٽينڪر سان ٽڪرائجي وئي

ٻنهي گاڏين ۾ باهه لڳي وئي، بس ۾ 42 ماڻهو سوار هئا جن جو تعلق ڀارتي رياست تلنگانا جي شهر حيدرآباد سان هو

مدينه منوره (اي پي پي) ڀارت مان سعودي عرب ويندڙ عمره زائرين جي بس مدينه منوره ويجهو آئل ٽينڪر سان ٽڪرائجي وئي جنهن جي نتيجي ۾ 42 عمره زائرين فوت ٿي ويا. پرڏيهي ميڊيا موجب عمري لاءِ

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 حلف کڻي ورتو

گڏريل ڏينهن گورنر هائوس ۾ حلف برداري تقريب منعقد ٿي تقريب ۾ بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي ججن ماتحت عدالتن جي ججن بلوچستان بار ڪائونسل هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ڪوئيٽا بار ايسوسيئيشن جي عهديدارن سميت وڪيلن جو وڏو انگ موجود هو تقريب ۾ بلوچستان جي گورنر شيخ جعفر خان مندوخيل جسٽس محمد ڪامران خان ملاخيل کان بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي وقتي چيف جسٽس جي عهدي جو حلف ورتو.

بقايا 2 شهباز شريف

سيڪريٽري ۽ آءِ جي سنڌ سندس استقبال ڪيو وزيراعظم ڪينٽ ريلوي اسٽيشن تي شاليمار ايڪسپريس جي نئين ٽرين ۽ اسٽيشن جي اپ گريڊ ٿيل جديد سهولتن جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته ڪراچي سرڪلر ريلوي شهر جي ضرورت تي هر هنڌ بحث ڪيو ويو آهي وزيراعظم چيو ته جيڪڏهن تهران کان استنبول ٽائين جو رستو بحال ٿئي ٿو ته پاڪستان ريلوي کي چار مهينا لڳندا. شاليمار ايڪسپريس کي مڪمل طور تي نئين ٽرين بڻايو ويو آهي ريلوي ڪاٽي مهارت سان ڪراچي ڪينٽ کي بحال ڪيو آهي هن چيو ته ٿر جي ڪوئلي جي منتقلي لاءِ وفاقي ۽ سنڌ حڪومتون تعاون ڪري رهيون آهن ريلوي هتي هڪ سڙيل نظام بڻجي چڪو آهي. حنيف عباسي پنهنجي ٽيم سان گڏ هن سڙيل نظام کي جديد بڻايو. مان حنيف عباسي کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏيان ٿو شاليمار ايڪسپريس کي مڪمل طور نئين ٽرين بڻايو ويو آهي جديد ۽ بهتر سهولتن جي فراهمي لاءِ اسٽيشن کي اپ گريڊ ڪيو ويو آهي ڪراچي ڪينٽ اسٽيشن تي سي آءِ پي لائونجز ۽ ويٽنگ ايرياز قائم ڪيا ويا آهن جڏهن ته ماڻهن جي سهولت لاءِ ايڪسيليٽرز به انسٽال ڪيا ويا آهن انهي کان علاوه ڪينٽ اسٽيشن تي ايگزيڪٽو واش رومز اي ٽي ايم مشين ۽ مفت وائي فائي جي سهولت به متعارف ڪرائي وئي آهي تقريب کي خطاب ڪندي وزير اعظم چيو ته ريلوي واري وفاقي وزير حنيف عباسي جي قيادت ۾ پاڪستان ريلوي جديد نظام ڏانهن گامزن آهي اميد آهي ته ڪجهه سالن ۾ پاڪستان ريلوي خطي جو شاندار ٽرانسپورٽ سسٽم بڻجي ويندو. ريلوي جي ڏاٽري کي وڌايو وڃي ۽ صوبن سان شراڪتداري جا مثبت نتيجا نظر ايندا. شاليمار ايڪسپريس کي مڪمل طور نئين ٽرين بڻايو ويو ۽ ريلوي اسٽيشن کي شاندار انداز ۾ اپ گريڊ ڪيو ويو. ڪراچي جو ريلوي نظام اڳ ۾ بوسيده هو پر هاڻي جديد ۽ بهتر بڻايو ويو آهي حنيف عباسي کي ڪوشش لاءِ مبارڪباد ڏيان ٿو ۽ ريلوي نظام جي اپ گريڊ لاءِ جيترِي به رقم ضروري آهي اها فراهم ڪئي. هن زور ڏنو ته ريلوي جي ڏاٽري کي وڌايو وڃي ۽ صوبن سان شراڪتداري جا مثبت نتيجا نظر ايندا. پارٽنرشپ جو ڏاٽرو بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهه حڪومتن سان به وڌايو وڃي. وزيراعظم ميان محمد شهباز شريف بعد ۾ ڊي فنس خيابان مجاهد ۾ رڪن قومي اسيمبلي عبدالقادر پٽيل جي گهر پهچي صاحبزادي جي شادي تي مبارڪباد ڏني ملاقات دوران وزيراعليٰ سنڌ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. بعد ۾، وزيراعظم ڊيفنس خيابان غازي ۾ سابق وزيراعليٰ آفتاب شعبان ميراڻي جي گهر پهتو جتي ميراڻي جي خاندان سان اظهار تعزيت ڪيو. وزيراعظم پنهنجي هڪ ڏينهن واري مختصر دورو مڪمل ڪرڻ بعد خصوصي جهاز ذريعي واپس روانو ٿي ويو.

بقايا 3 وڏو وزير

مڪمل نٿي ڪري سگهي ان لاءِ وفاقي سطح تي مڪمل مدد ضروري آهي هي ڳالهه هن ڪينٽ اسٽيشن جي تاريخي اپ گريڊيشن جي تقريب ۾ وزيراعظم جي موجودگي ۾ خطاب دوران ڪئي. وڏي وزير مراد علي شاهه وزيراعظم شهباز شريف ۽ وفاقي وزير ريلوي حنيف عباسي جو خاص شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته ڪراچي جي ترقي لاءِ وفاقي حڪومت جو سنجيده ڪردار ساراهه جوڳو آهي. هن چيو ته ريلوي لائينن ۽ برانچن جي اپ گريڊيشن سنڌ واسين لاءِ انتهائي مثبت قدم آهي. وڏي وزير چيو ته جيستائين ڪراچي حيدرآباد موٽروي مڪمل نٿي ٿئي ان وقت تائين ٽرين سفر عوام لاءِ سڀ کان مناسب ۽ موثر ٽرانسپورٽ آهي. هن وفاق کي موٽروي جي تيزي سان مڪمل ڪرڻ لاءِ زور ڀريو ڇو ته بهتر علائقائي رابطو روزانو هزارين مسافرن لاءِ وڏي سهولت بڻجندو. هن ڪراچي جي ٽرانسپورٽ سسٽم کي جديد بڻائڻ لاءِ سنڌ حڪومت جي قدمن جو ذڪر ڪيو جن ۾ اليڪٽرڪ بسون پيپلز بس سروس ۽ عورتن لاءِ پنڪ بس سروس شامل آهن. پر ان سان گڏ هن وضاحت ڪئي ته شهر جي وڌندڙ آبادي ۽ ضرورتن کي نظر ۾ رکندي KCR جهڙي مڪمل ماس ٽرانزٽ سسٽم جي سخت ضرورت آهي. وڏي وزير هڪ ڀيرو ٻيهر KCR منصوبي لاءِ وفاقي مدد جي درخواست ڪئي ۽ چيو ته صوبائي وسيلا اهڙي وڏي منصوبي لاءِ ڪافي ناهن. هن يقين ڏياريو ته سنڌ حڪومت وفاق ۽ ريلوي اختيارين سان مڪمل تعاون ڪندي ته جيئن منصوبو ڪاميابيءَ سان مڪمل ٿي سگهي. ياد رهي ته ڪراچي سرڪلر ريلوي جو مقصد شهر جي ٽريفڪ دباءُ ۾ گهٽتائي آڻڻ ۽ ملڪ جي وڏي ميٽروپولس ۾ پائيدار شهري سفري نظام فراهم ڪرڻ آهي. سالن کان پوءِ ٻيهر شروع ڪيل هن منصوبي تي سنڌ حڪومت جو وڌندڙ ڌيان ان ڪري آهي ته ڪراچي جي آبادي ۽ ٽرانسپورٽ جون گهرجون تيزي سان وڌي رهيون آهن. KCR لاءِ وفاق جي ڀرپور شرڪت بين الاقوامي فنڊنگ ۽ فني سهڪار حاصل ڪرڻ لاءِ اهم آهي جڏهن ته سنڌ حڪومت هن منصوبي لاءِ زمين لاجسٽڪ سهڪار ۽ بين مقامي ٽرانسپورٽ نظامن سان انضمام فراهم ڪندي. منصوبو جي شروعاتي مرحلن ۾ روزانو هزارين مسافرن کي فائدو ٿيندو جڏهن ته مستقبل ۾ ان کي وڌيڪ وڌائڻ جا منصوبا به شامل آهن.

بقايا 4 مهلت

ڪيسن جو رڪارڊ پيش ڪرڻ جو آخري موقعو ڏئي ڇڏيو عدالت جي جج منظر علي گل ضمانت جي درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي. پراسيڪيوشن ڪيسن جو رڪارڊ پيش نه ڪيو ۽ گذارش ڪئي ته رڪارڊ پيش ڪرڻ لاءِ وقت ڏنو وڃي. عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي رڪارڊ پيش ڪرڻ جي مهلت ڏئي ڇڏي عدالت ضمانت جي درخواستن تي ٻڌڻي 25 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 5 ناڻي وزير

منزل حاصل ڪرڻ کان پوءِ هاڻي پائيدار اقتصادي اوسر جي راهه تي گامزن آهي. آبادي جي لحاظ کان وسيلن جو انتظام ڪرڻو پوندو تيزي سان وڌندڙ آبادي ۽ موسمياتي تبديليون پاڪستان لاءِ ٻه بنيادي وجودي خطرا آهن گڏريل ڏينهن پاپوليشن ڪائونسل جي انتظام هيٺ ڊسٽرڪٽ ولز ايبليٽي انڊيڪس آف پاڪستان جي حوالي سان منعقد تقريب کي خطاب ڪندي ناڻي واري وزير چيو ته پاڪستان استحڪام جي منزل حاصل ڪرڻ کان پوءِ هاڻي پائيدار اقتصادي اوسر جي راهه تي گامزن آهي ۽ اهم معاشي اهڃاڻن ۾ بهتري سان ٿي ان جي عڪاسي ٿي رهي آهي هن چيو ته تيزي سان وڌندڙ آبادي ۽ موسمياتي تبديليون پاڪستان لاءِ ٻه بنيادي وجودي خطرا آهن پاڪستان ۾ آبادي ۾ اضافي جي شرح 2.5 سيڪڙو جي ويجهو آهي ۽ اها شرح تمام وڌيڪ آهي آبادي ۾ تيزي سان جيڪڏهن اضافو ٿيو ته پوءِ مجموعي قومي پيداوار ۾ اضافو غير متعلق ٿي ويندو آهي اهو سلسلو پائيدار ناهي اسان کي آبادي جي لحاظ سان وسيلن جو انتظام ڪرڻو پوندو هن چيو ته ٻار اسان جي مستقبل جا معمار آهن پاڪستان ۾ 40 سيڪڙو جي لڳ ڀڳ ٻار اسٽنٽنگ جو شڪار آهن 50 سيڪڙو نياڻيون اسڪولن کان ٻاهر آهن اهي ٻئي تمام سنجيده نوعيت جا مسئلا آهن هن چيو ته موسمياتي تبديليون ۽ انهن تبديلين سان هڪجهڙائي هڪ اهم مسئلو آهي. موسمياتي موزونيت لاءِ اسان موسمياتي تبديلي واري وزارت ۽ لاڳاپيل ادارن سان گڏ هر قسم جي مدد لاءِ تيار آهيون ناڻي واري وزير جو منصب سنڀالڻ کان پوءِ پهريون ڀيرو آءِ ايم ايف ۽ عالمي بئنڪ جي ساليانو اجلاسن جي موقعي تي موسمياتي تبديلين لاءِ قائم اتحاد جي ناڻي وارن وزيرن جي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي ۽ هنن مهينن ۾ مون کي اندازو ٿيو ته انهن معاملن کي مرڪزي ڌارا ۾ آڻڻ ۾ ناڻي وارن وزيرن جو ڪردار تمام گهڻي اهميت رکي ٿو ڇاڪاڻ ته موسمياتي موزونيت ۽ ماحولياتي فنانس لاءِ فنڊ رکڻ ۽ وسيلن جي فراهمي ۾ انهن جو ڪردار اهم هوندو آهي ناڻي واري وزير چيو ته حڪومت پلئي پيپل ۽ گهٽ ترقي يافته ضلعن جي ترقي ۽ انهن کي ملڪ جي

بين حصن جي برابر آڻڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي بهتر موقعا تلاش ڪرڻ ۾ ٻهراڙي وارن علائقن مان شهرن ۽ وڏن هنڌن تي لڏپلاڻ جو عمل جاري آهي ان جي نتيجي ۾ ڪچي جي آبادين جي انگ ۾ اضافو ٿي رهيو آهي انهن آبادين ۾ پيئڻ لاءِ صاف پاڻي گندي پاڻي جي نيڪال ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي کوٽ هوندي آهي ان سان چائلڊ اسٽنٽنگ ۽ ٻين مسئلن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي ناڻي واري وزير چيو ته سماجي ترقي لاءِ اهو سمجهڻ ضروري آهي ته آبادي ۾ اضافو ۽ موسمياتي تبديلين جو هڪ ٻئي سان سڌي ريت تعلق آهي ان سان گڏوگڏ وسيلا رکڻ ۽ انهن ۾ سڌارا به ضروري آهن ناڻي واري وزير ايف سي ڊي ۽ برطانوي حڪومت جو ٿورو مڃيندي چيو ته برطانيه جي حڪومت ۽ ايف سي ڊي ۽ پاڪستان حڪومت سان گڏ مختلف شعبن ۾ سهڪار فراهم ڪري رهيا آهن

بقايا 6 ڏهاڙو ملهايو ويو

سان گڏجي پهريون ڀيرو سروائيڪل ڪينسر جي خاتمي جو عالمي ڏهاڙو ملهايو جيڪو صحت جي عالمي اداري جي 78هين عالمي اسيمبلي جي فيصلي تحت عالمي سطح تي تسليم ڪيو ويو ان ڏينهن جو بنياد ان تاريخي اعلان تي آهي جيڪو 17 نومبر 2020ع تي ڪيو ويو هو جڏهن 194 ملڪن سروائيڪل ڪينسر جي خاتمي جي عالمي حڪمت عملي جي حمايت جو عهد ڪيو هو هلندڙ سال وفاقي ڊائريڪٽوريٽ آف اميونائزيشن (ايف ڊي آءِ) ۽ سول سوسائٽي جي حصيدارن خاص طور تي ڊوياسي فائونڊيشن جي تعاون سان پاڪستان جي پهرين ايڇ پي وي ويڪسينيشن مهم جي شروعات ڪئي ان مهم تحت پنجاب سنڌ اسلام آباد ۽ آزاد جمون ڪشمير ۾ 9 کان 14 سال جي عمر جي هڪ ڪروڙ 30 لک کان وڌيڪ نياڻين کي اسڪولن ۽ صحت مرڪزن ۾ اها ويڪسين مفت فراهم ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو مهم جي ڪامياب پڄاڻي تائين 92 لک نياڻين کي اها ويڪسين لڳائي وئي پهرين جنوري 2026ع کان ايڇ پي وي ويڪسين کي باضابطه طور تي قومي اي پي آءِ پروگرام ۾ شامل ڪيو ويو جنهن سان سمورين نياڻين لاءِ حفاظتي ٽڪن جو اهو سلسلو مستقل بنيادن تي جاري رهندو ان عالمي ڏهاڙي جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ ۽ عوامي آگاهي ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ ڊوياسي فائونڊيشن وفاقي راڄڌاني ۾ سروائيڪل ڪينسر آگاهي واڪ جو به اهتمام ڪيو جنهن ۾ ڪميونٽيز نوجوانن ۽ صحت جي ڪارڪنن ڀرپور شرڪت ڪئي ان واڪ جو مقصد بيماري کان وقت سر بچاءُ ڏيان ۽ اجتماعي ذميواري جي پيغام کي عام ڪرڻ هو سروائيڪل ڪينسر پاڪستان ۾ تيزي سان وڌندڙ ڪينسر آهي.

بقايا 7 شرجيل ميمڻ

ڪيو ڇاڪاڻ ته انهن کي خبر هئي ته شڪست يقيني آهي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه سان گڏ ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته 27 هين ترميم چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ڪوشش سان شروع ٿي جنهن ۾ آئيني عدالت جي قيام ايگزيڪيوٽو مئجسٽريٽ جي بحالي ججن جي منتقلي اين ايف سي ۾ صوبن جي حصي جي تحفظ کي ختم ڪرڻ آرٽيڪل 243 ۾ ترميم ۽ اليڪشن ڪميشن جي مقرري ۾ ديرجهڙا نقطا شامل هئا هن چيو ته انهن مان ڪيترائي نقطا پيپلز پارٽي ڪڏهن به قبول نه ڪيا جڏهن ته چيئرمين بلاول ڀٽو جي ڪوشش ۾ مڪاني ادارن جو ڪو به ذڪر نه هو ايم ڪيو ايم کي نفرت جي سياست بند ڪرڻ گهرجي ۽ مثبت سياست اختيار ڪرڻ گهرجي پيپلز پارٽي صوبن جي حقن جي سڀ کان وڏي ضامن آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته شهيد بي بي ۽ نواز شريف جي وچ ۾ دستخط ٿيل ميثاق جمهوريت ۾ آئيني عدالت جي قيام جو ذڪر آهي ۽ ان حوالي سان پيپلز پارٽي پنهنجا تحفظات واضح ڪيا هئا جنهن کان پوءِ سي اي سي جو ٻن ڏينهن جو اجلاس پڻ ٿيو هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي عدالتي سرگرمي جو سڀ کان وڏو شڪار رهي آهي شهيد بينظير ڀٽو جي حڪومتن جو تختو اونڌو ڪيو ويو ۽ صدر آصف علي زرداري 11 سال بغير سزا جي جيل ۾ گذاريا سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جسٽس منصور علي شاهه ۽ جسٽس اطهر من الله جي استعيفائن تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته اسان جي عدالتي نظام ۾ ثاقب نثار جهڙا دور به ڏٺا ويا جن قانون جي پچڪڙي ڪئي ۽ عمران خان ۽ پي ٽي آءِ جا پوئلڳ رهيا انهن خلاف بدانتظامي جا ڪيس داخل ٿيڻ گهرجن ها اسان عمر عطا بنديال جهڙا جج به ڏٺا جن عدالت ۾ هڪ ملزم کي ڏسي ڪري "توهان کي ڏسي خوشي ٿي" چيو هو هڪ سوال جي جواب ۾، سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ جو رهاڪو نامسڪن آهي دنيا ۾ ڪا به اهڙي طاقت ناهي جيڪا سنڌ کي ورهائي سگهي. ترقياتي منصوبن بابت پريس ڪانفرنس ۾ ڳالهائيندي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو ته وڏي وزير ڪالهه شهر جو دورو ڪيو ۽ سمورا منصوبا تيزي سان مڪمل ٿي رهيا آهن هن چيو ته سڄي سنڌ ۾، خاص طور تي ڪراچي ۾ اهم بهتري اچي رهي آهي صفائي جو ڪم بهتر ٿيو آهي ۽ سمورن شهرن ۾ بهتري اچي رهي آهي هن چيو ته حڪومت پوري ڪراچي کي جديد شهر ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي.

بقايا 8 ڏوهه جو اعتراف

پوليس ٻڌايو ته گرفتار عورت آمنه پنهنجي مبينا عاشق علي اڪبر کي مڙس يامين کي قتل ڪرڻ جو چيو جنهن بعد علي اڪبر پنهنجي ساٿي غلام حسين سان گڏجي اگوات منصوبابندي تحت يامين کي ڪهاڙين جا وار ڪري قتل ڪيو ۽ فرار ٿي ويا هئا جاچ ذريعن مطابق مقتول يامين ۽ آمنه جي شادي اٺ سال اڳ ٿي هئي ۽ ٻنهي کي هڪ ٻار به آهي. پوليس موجب ملزمه مقتول جي ويجهي مائٽ به هئي جنهن سبب گهريلو تڪرار وڌندا رهيا ۽ اهو معاملو وحشيانه قتل تائين پهتو پوليس ٻنهي جوابدارن کي گرفتار ڪري آلو قتل برآمد ڪيو آهي جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ امڪان آهي ته وڌيڪ اهم حقيقتون به سامهون اينديون.

بقايا 9 آرڊيننس جاري

اي جي تحت ڏاهيل آئيني بئنچن کي مڪمل اختيار هوندو آرڊيننس جي متن ۾ چيو ويو آهي ته سمورا آئيني ڪيسن هن بئنچن ۾ مقرر ڪيو ويندو جنهن ۾ آئيني رٽ جا ڪيس ،پٽيشنز ۽ لاڳاپيل ڪيس شامل آهن .ججن جي نامزدگي جڊيشل ڪميشن ڪندو .عهدي جي مدي گهٽ ۾ گهٽ 6مهيني جي هوندي .آئيني بئنچ جي سربراهه جي غير موجودگي ۾ سينئر ترين جج سربراهه مقرر ڪيو ويندو .آئيني جج جي ريفرنس ياريڪوزل جي صورت ۾ معاملو سپريم جڊيشنل ڪائونسل موڪليو ويندو .آئيني بئنچن جو رجسٽرار ۽ سيڪريٽريٽ الڳ هوندو .سمورا ڪيس فسٽ ان فسٽ آئوٽ جي اصول جي تحت ٻڌڻي جي لاءِ مقرر ڪيو ويندو .هنگامي نوعيت جي ڪيس کي فوري فهرست ۾ مقرر ڪيو ويندو .هاءِڪورٽ جي آرڊيننس جي نفاذ جي قواعد ڏاهڻ جو اختيار حاصل هوندو .ڪنهن به قانون ياعدالتي فيصلي جي ٽڪر جي صورت ۾ هي آرڊيننس نافذ العمل هوندو .گورنر جي منظوري کان پوري سنڌ ۾ فوري طور نافذ عمل ٿيندو.

بقايا 10 عورت فوت

گوٺ پل جي ويجهو حادثي ۾ هڪ عورت فوت ٿي وئي جڏهن ته ٻي سخت زخمي ٿي پئي حادثو تڏهن پيش آيو جڏهن ٻه عورتون اسڪوٽي تي سوار هيون ۽ سامهون کان ايندڙ تيز رفتار گاڏي انهن کي زور سان ٽڪر ڏني اتي موجود ماڻهن جو چوڻ هو ته پوليس ڪيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون ۽ زخمين کي فوري طور عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو فوت ٿيندڙ عورت جي سڃاڻپ 22 ورهين جي سمرا شيخ ڌيءُ حاتم شيخ طور ٿي آهي جڏهن ته سخت زخمي عورت 37 ورهين جي رابعيا ناز زال شاهد علي جو اسپتال ۾ علاج جاري آهي حادثي سبب ٽريفڪ ڪجهه وقت لاءِ متاثر رهي پوليس وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ابتدائي اطلاع مطابق حادثو تيز رفتاري ۽ لاپرواهي سبب پيش آيو

بقايا 11 پرڏيهي آڱوٺو

فنڪار آرٽس ڪائونسل جي پٽ کي خوبصورت رنگن سان سينگارڻ ۾ مصروف آهي جيڪو پاڪستان ۽ فرانس جي دوستي ۽ ثقافتي هم آهنگي جو ڏيک آهي آهي خيال پاڪستان ۾ مقرر فرانس جي سفير پنهنجي زال سان گڏ آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جي دوري

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشنز ڪورٽ، مٽياري سنڌ

No.DSJ/MTR/3345/2025 Dated:14-11-2025

(NIT.No.01_MTR/2025) ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

لاڳاپيل ٽيڪس ۽ ريگيوليٽري اختيارين سان رجسٽرڊ دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙ کان، مالي سال 2025-26 لاءِ، سنگل اسٽيج ٽو اينوليپ پروسيجر تحت، SPPRA اِي-پروڪيورمينٽ (EPAD) سسٽم ذريعي مهربند (اليڪٽرانڪ طور تي انڪريٽ ٿيل) واڪ طلب ڪيا ويا آهن، جيڪي هيٺين خريداري لاءِ آهن:

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ڪامپليڪس، مٽياري ۾ 6 ڪلو واٽ سولر پاور سسٽم جي هڪ يونٽ جي تنصيب ۽ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن، مٽياري ۾ 6 ڪلوواٽ سولر پاور سسٽم جي هڪ يونٽ جي تنصيب

واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۽ وقت:	خميس 4 ڊسمبر 2025 تي صبح جو 11:00 وڳي.
ٽيڪنيڪل واڪ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت:	خميس 4 ڊسمبر 2025 تي منجهند 1:00 وڳي
هنڌ:	ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشنز ڪورٽس، لائبريري جڊيشل ڪامپليڪس مٽياري

1. دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙ پنهنجا واڪ SPPRA اي-پروڪيورمينٽ (EPAD) سسٽم ذريعي 50000 رپين جي واڪ سيڪيورٽي سان گڏ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشنز جج، مٽياري جي حق ۾ بينڪ ڊرافٽ/ پي آرڊر جي صورت ۾ جمع ڪرائيندا ۽ واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ تي يا ان کان اڳ هٿوهٿ طور تي جمع ڪرائيندا.
2. ٽينڊر فيس 1,000 رپيا (ناقابل واپسي) SPPRA EPAD (ذريعي جمع ڪرائي ويندي ۽ واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ تي يا ان کان اڳ هٿوهٿ طور تي جمع ڪرائي ويندي.
3. وڌيڪ معلومات ۽ سوالن لاءِ، عمران خان لاشاري، اڪائونٽنٽ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ، مٽياري، فون نمبر.0300-3278363 آفيس نمبر. 9240812-022، اي ميل djmatiari@sindhhighcourt.gov.pk : سان رابطو ڪريو.
4. چيئرمين، پروڪيورمينٽ ڪميٽي، ايس پي پي آر اي رولز 2010 (ترميم ٿيل 2022) جي قاعدي 25 جي مطابق ڪنهن به يا سڀني واڪن کي قبول يا رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.

چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي
سينئر سول جج هالا
ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشنز ڪورٽ، مٽياري

INF-KRY.NO.3837/2025

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

Razzaq Pardesi, CEO and Chairman of the Institute of Holistic Rehabilitation & Innovation (IHRI), recently hosted a dinner aimed at informing attendees about the organization's achievements and ongoing initiatives. The event was held in collaboration with KTORE Restaurant, providing a platform for IHRI to showcase its work in the fields of rehabilitation and community development. The dinner was attended by prominent members of the business and professional community, including Fazal Karim Dada Bhai, Sheikh Imtiaz Hussain, former Chairman Abad Altaf Tai, Abid Majeed, Nauman Ahmadhani, Nasir Wajahat, Abdul Salam Dada Bhai, Irfan Memon, MPA Sharq Jamal, and Dr. Aftab Imam. During the event, Razzaq Pardesi highlighted IHRI's commitment to innovative rehabilitation programs and initiatives that empower individuals and communities, emphasizing the organization's focus on sustainable development and social impact. He also shared insights into upcoming projects aimed at expanding IHRI's outreach and enhancing its services for those in need.

The Consulate-General of Japan in Karachi, in collaboration with the Pakistan-Japan Cultural Association, Sindh (PJCA) and the Pakistan-Japan Business Forum (PJBF), proudly hosted "Japan Festival (Japan Fest) 2025", a vibrant celebration of Japanese culture and traditions. Consul General HATTORI Masaru welcomed the guests and emphasized the value of cultural exchange in deepening mutual understanding between the people of Japan and Pakistan. He highlighted that Japan Fest has become a meaningful platform to experience Japanese culture while fostering friendship with the local community. Japan Fest 2025 featured a lively lineup of activities, including a Cosplay contest, traditional dances like Bon-Odori, and a musical concert that brought Japanese and Pakistani talents together. The festival also showcased Ikebana, Bonsai displays, fun games, and Origami, offering visitors an immersive experience of Japan's cultural and artistic heritage. The Consulate-General of Japan extends heartfelt gratitude to all partners, participants, and attendees who contributed to making Japan Fest 2025. The Consulate looks forward to further strengthening the friendship between Japan and Pakistan in the years to come.

ڪرونڊي جي هاءِ اسڪول ۾ 1989ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪندڙ شاگردن ۽ استادن جو ميڙاڪو

رياض احمد سومرو جي اڳواڻي ۾ 36 سالن کان پوءِ ري يونين آف ڪلاسميٽس جي نالي هيٺ هڪ ڳڙجاڻي منعقد ڪئي وئي

ڳڙجاڻيءَ جي شروعات ۾ پراڻين يادن کي تازو ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهريون پراڻن شاگردن ۽ استادن گڏجي اسيمبلي ڪئي

اسيمبلي جي شروعات استاد صاحب الدين هاليپوٽو طرفان تلاوت سوره فاتح سنڌي ترجمي سان ڪئي وئي، بعد ۾ لب پي آتي هي دعا پڙهي وئي

اڄ به هڪ ٽئين ڪنبو جڙيل، ڇڄر رت جي رشتن کي به ماڃ لڳي وئي آهي بس دوست ئي واحد سهارو هوندا آهن: رياض احمد سومرو

ڳڙجاڻي ۾ تقرير ڪندڙن ۾ يعقوب مسيح، امير بخش ٻڙدي، محمد اقبال موروجو، غلام عباس اعوان محبت ملاح ۽ ٻيا شامل

ڪرونڊي (ن ع) گورنمينٽ هائي اسڪول ڪرونڊي جي انهن شاگردن جن 1989ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي هئي انهن باهمي سهڪار سان رياض احمد سومرو جي اڳواڻي ۾ 36 سالن کان پوءِ 16 نومبر تي ري يونين آف ڪلاسميٽس جي نعري هيٺ هڪ ڳڙجاڻي منعقد ڪئي، ڳڙجاڻي جي مقصد کي تشابر ڪرڻ لاءِ دعوت نامي ۾ ...

هوندا آهن، جنهن جي ڪلهي تي ڪنڌ رکي ڪري پنهنجن ۽ پراون جا ڏنل ڏک ۽ سک ونڊبا آهن اڄ به هڪ ٻئي جو ڏک سک اورڻ ۽ سانڍڻ جو ذريعو بڻجون ۽ هڪ اتوڪو ۽ اڻلڀ خاندان بڻجون هن هڪ اعلان ڪندي چيو ته مان ڪلاسين، استادن ۽ ڪرونڊيءَ جي شهرين جي پروگرام منعقد ڪرڻ واري ارادي جو اظهار ڪيو ته مون کي ...

اسٽيج تي اچڻ جي دعوت ڏني وئي، پروفيسر نثار احمد راڄپر پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته هي انتهائي خوشي جي ڳالهه جو هن پروگرام ۾ مدعو ڪيو ويو آهيان مان ڀاڻ ڪن مهينن کان پوءِ رڪارڊر ٿيڻ وارو آهيان ۽ مان پنهنجي والد جي نقش ۽ قدم تي هلندي تعليم جي فروغ لاءِ ڪم ڪرڻ جو ارادو رکان ٿو ...

ڪرونڊي: ڪرونڊي جي هاءِ اسڪول ۾ ميڙاڪي کي رياض احمد سومرو، يعقوب مسيح، امير بخش ٻڙدي، محمد اقبال موروجو ۽ ٻيا خطاب ڪندي

شيعا علماءِ ڪائونسل صوبي سنڌ جو صوبائي ڪائونسل جو اجلاس

اجلاس ۾ صوبي جي مختلف ضلعن پنهنجي پنهنجي ساليانو رپورٽ پيش ڪئي

پوري سنڌ ۾ بدامني وڌي وئي آهي، جيڪا هڪ ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي: علامه سيد اسد اقبال زيدي

شهدادڪوٽ (ن ع) شيعا علماءِ ڪائونسل صوبي سنڌ جو ساليانو اجلاس صوبي سنڌ جي صدر علامه سيد اسد اقبال زيدي جي صدارت ۾ ٿيو جنهن ۾ صوبي جي مختلف ضلعن پنهنجي پنهنجي ساليانو رپورٽ پيش ڪئي ان موقعي تي صوبي سنڌ جي صدر علامه سيد اسد اقبال زيدي اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته پوري سنڌ ۾ بدامني وڌي وئي آهي جيڪا هڪ ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي قمبر شهدادڪوٽ خيرپور ميرس لاڙڪاڻي ڪنڌڪوٽ سميت ٻين علائقن ۾ روز موٽر سائيڪل ۽ ٻيون گاڏيون ڦرڻ معمول ٿي ويو آهي صوبائي صدر وڌيڪ چيو ته شيعا علماءِ ڪائونسل ضلع قمبر شهدادڪوٽ جي صدر زوار صابر حسين وڏو جو نالو فورٿ شيڊول ۾ وجهڻ سميت ٻين ضلعن ۾ به تنظيمي عهديدارن جو نالو فورٿ شيڊول ۾ وجهڻ افسوس جهڙي ڳالهه آهي اسان سنڌ حڪومت کي اپيل ٿا ڪريون ته سنڌ جي گهرو وزير ۽ ٻين کي چئون ٿا ته شيعا علماءِ ڪائونسل جي اڳواڻن جا نالا فورٿ شيڊول مان ڪڍيا وڃن نه ته اسين روڊن تي اينداسين ان موقعي تي صوبائي صدر قائد محترم سيد ساجد علي نقوي جي زيرسرپرستي ۽ مرڪزي جنرل سيڪريٽري علامه ڊاڪٽر شبير الحسن ميثمي ۽ زهراءِ اڪيڊمي جي طرفان مختلف ضلعن ۽ تعلقن ۾ 2022 جي ٻوڏ ۾ مختلف پروجيڪٽ ڏيڻ تي به شڪريو ادا ڪيو ان موقعي تي صوبائي ڪائونسل اجلاس ۾ مرڪزي عهديدارن محمد علي جروار سيد رياض شاهه علي عظمت بلوچ مختيار علي مگسي سميت ٻيا موجود هيا

ڳوٺ حبيب پٽي واسي سولر مان ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت

مورو (ن ع) مورو پرسان پراڻا جتوئي جي ڳوٺ حبيب پٽي واسي قمر پٽي سولر سسٽم مان ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو جنهن جو لاش نواب جتوئي اسپتال ۾ آندو ويو جتي قانوني ڪارروائي پوري ڪرڻ بعد لاش سندس وارثن حوالي ڪيو ويو

راڌڻڪيرو ۾ تعليم، امن، انصاف ۽ آزادي لاءِ جي سري هيٺ عنواني ويهڪ

راڌڻڪيرو (ن ع) راڌڻڪيرو ۾ سنڌ ساگر اسٽوڊنٽس فيڊريشن سساف طرفان تعليم امن انصاف ۽ آزادي لاءِ جي سري هيٺ عنواني ويهڪ ٿي جنهن ۾ علائقي جي معتبر پڙهيل لکيل نوجوانن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي انهي تنظيمي تقريب ۾ آيل نوجوانن انهي موضوعن تي خوب ڳالهايو ۽ غور سان ٻڌو هو

ايس ايڇ او سيڪاٽ جي دبنگ ڪارروائي، منشيات سان ڀريل ڪار هٿ

ٽول پلازا پرسان منشيات سان ڀريل هڪ ڪار کي روڪي پنهنجي تحويل ۾ ورتو ويو

گاڏي جا ڪاغذ، ڊرائيور جون تفصيلون ۽ منشيات جي ممڪن نيٽ ورڪ بابت جاچ جاري آهي: پوليس

مٽياري (ڊ ر) مٽياري ٽول پلازا پرسان ايس ايڇ او سيڪاٽ جي اڳواڻي ۾ پوليس وڏي ڪارروائي ڪئي، جنهن دوران منشيات سان ڀريل هڪ ڪار کي روڪي پنهنجي تحويل ۾ ورتو ويو. ڪار مان وڏي مقدار ۾ "مين پڙيون" برآمد ٿيون جيڪي فوري طور تي قبضي ۾ وٺي سيڪاٽ ٿاڻي منتقل ڪيون ويون. ذريعن موجب برآمد ٿيل منشيات جو تعلق مبينا طور راحب چند سان ٻڌايو پيو وڃي، ۾ پوليس پاران هن سلسلي ۾ اڃا ڪا باضابطه تصديق ناهي ڪئي وئي. تفتيشي عملدارن جو چوڻ آهي ته گاڏي جا ڪاغذ، ڊرائيور جون تفصيلون ۽ منشيات جي ممڪن نيٽ ورڪ بابت جاچ جاري آهي. پوليس ڪار ۽ منشيات کي سيڪاٽ ٿاڻي ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو آهي جتي قانوني ڪارروائي جا مرحلا هلندڙ آهن. اهڙي طرح مقدمو داخل ڪرڻ بابت به اعليٰ اختيارين ساڻ صلاح مشورا هلي رهيا آهن ۽ جلد اهم اڳڀرائي ٿيڻ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي. علائقي ۾ هن ڪارروائي کي پوليس جي وڏي ڪاميابي قرار ڏنو پيو وڃي، جڏهن ته مقامي سطح تي منشيات جي نيٽ ورڪ خلاف وڌيڪ ڪارروائي جي اميد به وڌي وئي آهي

حيدرآباد جي سٽي ٿاڻي جي حد ڪاٽا چوڪ جي رهواسڻ جو احتجاج

سٽي پوليس پٽ رڪشا ڊرائيور عادل چوري جي ڪوڙي ڪيس ۾ ڪٽي وئي آهي: پروين

منهنجو پٽ چوري ۾ ملوث نه آهي پوليس آزادي لاءِ 30 هزار رشوت طلب ڪري رهي آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي سٽي ٿاڻي جي حد ڪاٽا چوڪ مڪي مسجد جي رهواسڻ پيرسن عورت پروين پنهنجي نٺهن هما ۽ ڌي انا آرائين سوڌو پوليس پاران 2ڏينهن اڳ مبينا چوري جي الزام هيٺ پٽ عادل آرائين جي ناحق گرفتاري ۽ وحشياڻي تشدد ذريعي چوري مڃرائڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو. ان موقعي تي هن ڏانهيندي چيو ته سٽي پوليس سندس پٽ رڪشا ڊرائيور عادل کي پاڙي مان مبينا ٿيل چوري جي الزام هيٺ 2ڏينهن گهران گرفتار ڪري وٺي جڏهن ته ان سان گڏ وڌيڪ 2ڄڻا پاڙي مان پوليس ڪنيا هئا جن کي ڇڏي ڏنو ۽ منهنجي پٽ عادل تي وحشياڻو تشدد ڪري ناحق چوري مڃرائي آهي جڏهن ته منهنجو پٽ چوري ۾ ملوث نه آهي ۽ انهي دوران پوليس پٽ کي آزاد ڪرڻ لاءِ 30هزار رپيا رشوت وٺي چڪي آهي ۽ وڌيڪ 80هزار رپيا رشوت ڏيڻ تي منهنجي پٽ کي چوري ڪيس ۾ ڦاسايو آهي. هن چيو ته پوليس اسان کي عادل سان ملڻ به نٿي ڏي. هن خدشو ظاهر ڪيو ته پوليس منهنجي پٽ خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪري قتل ڪرائي يا هاف قرائي نه ڪري ڇڏي. هن چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته واقعي جو نوٽس وٺي انصاف ڪيو وڃي ۽ منهنجي پٽ کي آزاد ڪيو وڃي

حيدرآباد: سٽي ٿاڻي جي حد ڪاٽا چوڪ جي رهواسڻ احتجاج ڪري رهي آهي

حيدرآباد ۾ سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻن تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف مظاهرو

ڊسٽرڪٽ بار جي اڳواڻ فيصل مغل جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڪيسن کان خوف زده ناهيون، 27هين آئيني ترميم خلاف اسان جي جدوجهد جاري رهندي: وڪيل

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي وڪيل برادري هڪ ڏينهن اڳ سنڌياڻي تحريڪ پاران ٿيل جلسي کان پوءِ وڪيل اڳواڻن خلاف ڪيس داخل ٿيڻ جي افواهن ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻن تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون هائي ڪورٽ بار حيدرآباد جي جنرل سيڪريٽري اسرار چانڱ، ڊسٽرڪٽ بار جي اڳواڻ فيصل مغل جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته وڪيل برادري ۽ سنڌ جون سجاڳ ذهن 27هين آئيني ترميم ۽ سنڌ جي وسيلن تي قبضي واري ڪوشش خلاف سراپا احتجاج آهن. سنڌ پوليس پاران سياسي اڳواڻن ۽ وڪيلن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ اصل ۾ 27هين آئيني ترميم خلاف هلندڙ جدوجهد کي نقصان پهچائڻ آهي. هنن چيو ته اسان ڪيسن کان خوف زده ناهيون 27هين آئيني ترميم خلاف اسان جي جدوجهد جاري رهندي.

ميهڙ بار ايسوسيئيشن پاران 27 آئيني ترميم خلاف بائيڪاٽ

وڪيلن مٿان ٿيل حملي ۽ ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

27 آئيني ترميم آئين جي ڀڃڪڙي آهي جيڪا فيصلو واپس ورتو وڃي: وڪيل

ميهڙ (ن ع) ميهڙ بار ايسوسيئيشن پاران 27 آئيني ترميم، سکر ۾ وڪيلن مٿان ٿيل حملي ۽ عوامي تحريڪ سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻن مٿان داخل ڪيل ڪيس خلاف عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ، سورين عدالتن ڏانهن ايندڙ سائيلين کي تاريخون ڏئي واپس ڪيو ويو ميهڙ بار جي صدر وڪيل اصغر پتوجي جنرل سيڪريٽري منور جتوئي وڪيل سعيد پنهور وڪيل عبدالرشيد ٻگهيو وڪيل مير خان چانڊيو ۽ ٻين چيو ته 27 آئيني ترميم قبول نه آهي آئيني ترميم خلاف هلندڙ تحريڪ ۽ سيمينار ڪندڙ وڪيلن مٿان ٿيل تشدد جي مذمت ڪيون ٿا 27 آئيني ترميم سان صوبن جي خودمختياري ۽ صوبائي اختيارن کي محدود ڪرڻ جي ڪوشش آهي هنن چيو ته 27 آئيني ترميم آئين جي ڀڃڪڙي آهي جيڪو فيصلو واپس ورتو وڃي ۽ سکر ۾ ٿيل وڪيلن مٿان تشدد ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري سزا ڏني وڃي جڏهن ته حيدرآباد ۾ سنڌياڻي تحريڪ ۽ عوامي تحريڪ جي اڳواڻن مٿان داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن نه ته صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

مٽياري جي ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ غذائي قلت ۽ ممتا پروگرام بابت اهم اجلاس

ضلع جي اندر جاري غذائي قلت ۽ ممتا پروگرام جي سرگرمين جي سخت نگراني ڪئي وڃي: محمد يوسف شيخ

جن بينيفشريز کي اڃا ادائيگيون نه مليون آهن، تن کي فوري ادائيگي ڏني وڃي ته جيئن مستحق عورتن کي فائدو پهچي

هاڻوڪي مهانگائي جي دور ۾ عام ماڻهو خاص طور تي غريب طبقو خوراڪ جي کوٽ ۽ غذائيت جي گهٽتائي جا مسئلا پوڳي رهيا آهن

مٽياري (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ متعلقه آفيسرن کي هدايت ڪئي آهي ته ضلع جي اندر جاري غذائي قلت ۽ ممتا پروگرام جي سرگرمين جي سخت نگراني ڪئي وڃي. اها هدايت هن اڄ لطيف هال مٽياري ۾ غذائي قلت ۽ ممتا پروگرام بابت هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي ڏني. اجلاس ۾ هن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ممتا پروگرام جي سرگرمين کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي ۽ جن بينيفشريز کي اڃا ادائيگيون نه مليون آهن، تن کي فوري ادائيگي ڏني وڃي ته جيئن مستحق ۽ گهريلو عورتن تائين وڌ کان وڌ فائدو پهچي سگهي. هن چيو ته ممتا پروگرام ذريعي زچه ۽ ٻار جي صحت ۾ نمايان بهتري اچي سگهي ٿي. ڊپٽي ڪمشنر چيو ته هاڻوڪي مهانگائي جي دور ۾ عام ماڻهو خاص طور تي غريب طبقو خوراڪ جي کوٽ ۽ غذائيت جي گهٽتائي جا مسئلا پوڳي رهيا آهن. وڌيڪ چيو ته معاشي مسئلن ۽ محدود وسيلن سبب ڪيترائي ٻار ۽ عورتون غذائي کوٽ جو شڪار آهن خاص طور تي ننڍا ٻار ۽ گهريلو عورتون سخت غذائي گهٽتائي کي منهن ڏئي رهيون آهن. هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته ضلع ۾ غذائي کوٽ جي خاتمي واري پروگرام کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي ۽ ان جا نتيجا جلد سامهون اچڻ گهرجن. اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر-II اقرا جنت، اسسٽنٽ ڪمشنر مٽياري عبدالستار شيخ، ضلعي هيلٿ آفيسر سيد آصف حسين شاهه، ڊي اي او پرائمري صدف اڪبر ميمڻ، ڊي اي او سيڪنڊري قاضي شعيب، ڊپٽي ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ نجمه هاليپوٽو، ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر رياض احمد لغاري ۽ ٻين سرڪاري محڪمن جي آفيسرن سميت غير سرڪاري تنظيمن جي نمائندن پنهنجي ڪارڪردگي بابت تفصيلي بريفنگ پيش ڪئي.

مٽياري: ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

حيدرآباد ۾ ڊاڪٽرن جي مبينا غفلت سبب فوت ٿيل شاگرد جا وارث سراپا احتجاج

فوٽي نينگر جي ڀاءُ عامر زرداري ۽ ڀيڻ جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب سامهون مظاهرو ڪيو ويو

پٽ جي موت جي ذميوار ڊاڪٽرن جي معطلي ۽ گرفتاري کانسواءِ انصاف ملڻ ناممڪن آهي: والد

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ۾ 23ڏينهن اڳ ڊاڪٽرن جي مبينا غفلت سبب فوت ٿي ميڊيڪل جي شاگرد حسنين زرداري جي وارثن ۽ وڪيلن الزام هيٺ آيل ڊاڪٽر گرفتار نه ٿيڻ خلاف فوٽي نينگر جي ڀاءُ عامر زرداري ۽ ڀيڻ جي اڳواڻي ۾ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي فوٽي نينگر جي ڀاءُ ايڊووڪيٽ عامر زرداري چيو ته سندس پٽ حسنين جي موت جي ذميوار ڊاڪٽرن جي معطلي ۽ گرفتاري کانسواءِ انصاف ملڻ ناممڪن آهي. ڪنهن به آفيسر يا عملدار خلاف ڪا اهم شڪايت رپورٽ ٿيندي آهي ته پهريان ان کي معطل ڪيو ويندو آهي ۽ پوءِ اعليٰ اختياريون ماسري جي شفاف جاچ ڪنديون آهن پر صحت کاتي ۾ قانون تي عملداري بدران الزام هيٺ آيل ڊاڪٽر ماسري جي جاچ ڪري رهيا آهن جيڪا معاشرين سان ناانصافي آهي. هن چيو ته هر کاتي جي عملي لاءِ چيڪ ۽ بيلنس هوندو آهي. هر اداري ۾ غفلت جي الزام هيٺ آيل ملازم کان پڇاڻو هڪ قانوني عمل آهي پر واحد صحت کاتو آهي جنهن جي ڊاڪٽرن ۽ عملي کان پڇاڻو نٿو ڪري سگهجي. هن چيو ته هيلٿ ڪيئر ڪميشن پاران پٽ جي پوسٽ مارٽم جو ليٽر لاڙڪاڻي عدالت کي مليو آهي جنهن تي مان عدالت پهچي پٽ جي قبرڪشائي ڪرائي پوسٽ مارٽم ڪرائڻ تي راضو ڏيکاريو آهي. هن مطالبو ڪيو غفلت جي الزام هيٺ آيل ڊاڪٽرن ۽ عملي کي معطل ڪري ماسري جي اڻ ڌري جاچ ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

سحرش نگر مان گم ٿيل ذهني معذور نينگر جو پتو نه پوڻ، وارث پريشان

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي سحرش نگر مان گم ٿيل ذهني معذور نينگر جو پتو نه پوڻ، وارث پريشان، ڳولا ۾ مدد جي اپيل. حيدرآباد جي تعلقي قاسم آباد جي سحرش نگر مان 12نومبر 2025 کان پراسرار گم ٿيل 15ورهين جي نينگر ارسلان عرف ٻبلو جو پيءُ صلاح الدين پٺاڻ پٽ جي ڳولا جي سلسلي ۾ ڪالهه ٻيهر پريس ڪلب سامهون پهتو. ان موقعي تي هن چيو ته سندس ذهني معذور پٽ گذريل 5ڏينهن کان پراسرار طور گم آهي جنهن جي گهڻي ڳولا باوجود ڪو به پتو پئجي نه سگهيو آهي. هن چيو ته حد جي ٿاڻي تي به پٽ جي گم شدگي بابت اطلاع ڪئي پر پوليس پاران به ڪو تعاون نه ڪيو ويو آهي. هن چيو ته پٽ جي گمشدگي سبب گهر ڀاتين ۾ سخت پريشاني ڇانيل آهي. هن واسطي وارن کي اپيل ڪئي ته پٽ جي ڳولا ۾ مدد ڪري پٽ هٿ ڪري ڏنو وڃي

پٿورو ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين ۾ اختلاف، ٽائون آفيسر مقرر نه ٿي سگهيو

گذريل ٻن مهينن کان ٽائون آفيسر مقرر نه ٿيڻ ڪري ملازم پگهارن کان محروم، سينيٽري اسٽاف کي سامان نه مليو

سينيٽري اسٽاف کي صفائي جو سامان نه ملڻ ڪري سڄو شهر گندگي جي ور چڙهي ويو، واٽر سپلاءِ جون موٽرون سڙي ويون

گذريل ٻن مهينن کان پگهار نه ٿيڻ ڪري اسان جا ٻچا بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن، ڪر ڏانهن ٻڌڻ وارو ناهي: ٽائون ملازم

پٿورو (ن ع) پٿورو ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين ۾ اختلاف وڌي وڃڻ ڪري گذريل ٻن مهينن کان ٽائون آفيسر مقرر نه ٿي سگهيو ٽائون ملازم پگهارن کان محروم سينيٽري اسٽاف کي صفائي جو سامان نه ملڻ ڪري سڄو شهر گندگي جي ور چڙهي ويو واٽر سپلاءِ جون موٽرون سڙي ويون شهري پيئڻ جي پاڻي لاءِ پريشان ٿي ويا ايمرجنسي فائير برگيڊ گاڏي پڻ تيل نه ملڻ ڪري بيهي رهي ٽائون ڪميٽي جي ملازمن پاران پگهارن نه ٿيڻ خلاف ڪم ڇڏي احتجاج ڪري اڳواڻن رشيد سمون فتح مگريو دولت ميگهواڙ همير منگريو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين پاران ڏانهندي چيو وي ته گذريل ٻن مهينن کان پگهار نه ٿيڻ ڪري اسان جا ٻچا بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن ملازمن پاران اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪندي ڪئي آهي ته سندس پگهار جلد ڏني وڃي

سنڌ هاري ڪاميٽي جي اڳواڻ صدر اظهر جتوئي جي پنجين ورسي اڄ

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ هاري ڪاميٽي جي اڳواڻ صدر اظهر جتوئي جي پنجين ورسي اڄ ملهائي ويندي، ان موقعي تي هارين مزدورن پورهيتن لاءِ ڪيل خدمتن تي پيغام طور لکيل ڪتاب (فرزند سنڌ) جي مهورت اڄ سنڌ هاري ڪاميٽي طرفان حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ڏينهن جو 2وڳي ٿي رهي آهي ڪتاب جي مهورت واري تقريب جي صدارت سنڌ هاري ڪاميٽي جو مرڪزي صدر ڊر حيدر جتوئي ڪندو جڏهن ته سنڌ جا ناميارا اديب قانوندان سنڌ جو ناميارو ايڊووڪيٽ ماما يوسف لغاري حيدرآباد ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جو صدر اشعر ڪرڪر انساني حقن جو اڳواڻ پروفيسر امداد چانڊيو ايڇ آر سي پي حيدرآباد جي ڪوآرڊينيٽر غفار آرائين اديب قيصر بنگالي امان الله شيخ سميت اديب شاعر ڪتاب تي ڳالهائيندا

ڊويزنل ڪمشنر شهيد بينظيرآباد پاران بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو افتتاح

سخي چام ڏاتار جي ساليانو عرس مبارڪ جي موقعي تي ڊونيشن ڪيمپ لڳائي وئي

ڪمشنر پاران ڪيمپ بابت صحت جي حوالي سان سوال پڻ ڪيا ويا، اطمينان جو اظهار

سڪرنڊ (ن ع) ڊويزنل ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهمير خان ڀٽي ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر مدثر حسين ڏومڪي سخي چام ڏاتار جي ساليانو عرس مبارڪ جي موقعي تي ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي پاران لڳايل بلڊ ڊونيشن ڊونيشن ڪيمپ جو افتتاح ڪيو ويو ڪمشنر سخي چام ڏاتار جو گادي نشين فقير نويد حسين وسطوي پيپلز پارٽي جو ضلعي صدر محمد سالم زرداري ۽ فقير عاشق حسين گورجاڻي پڻ هئا ان موقعي تي هنن بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جي مختلف شعبن جو معائنو ڪيو جتي ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي چنڙ ڪين بريفنگ ڏني جنهن تي ڪمشنر پاران ڪيمپ بابت صحت جي حوالي سان سوال پڻ ڪيا ويا جنهن تي ڪيس مدلل جواب پڻ ڏنا ويا جنهن تي هن اطمينان جو اظهار ڪيو ڪيمپ جي دوري وقت خان محمد پلي ڪمشنر کي ٿيليسيميا سينٽر وزٽ ڪرڻ جي پڻ دعوت ڏني هوڏانهن ڪيمپ تي رت عطيو ڪندڙ نوجوانن کي ڪمشنر مڃتا سرٽيفڪيٽ ڏنا ان موقعي تي قاضي جاويد سنائي، غلام نبي ملاح، آغا راشد ۽ معشوق چانڊيو پڻ موجود هئا

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 18 نومبر 2025ع

معيشت سان گڏ سماجي ابتريءَ تي به ڌيان ڏنو وڃي!

پاڪستان ۾ تيزيءَ سان عام ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ اچي رهيا آهن. اها صورتحال صرف معاشي بحران نه پر حڪومتي نظام جي ناڪاميءَ جو به ڏيک ڏئي ٿي. عالمي مالي ادارن مطابق ملڪ جي آبادي جو لڳ ڀڳ اڌ حصو هاڻي غربت جي لڪير کان هيٺ آهي، يعني 22 ڪروڙ ماڻهن مان تقريباً 11 ڪروڙ ماڻهو پنهنجي بنيادي ضرورتن جهڙوڪ خوراڪ، پاڻي، تعليم ۽ علاج کان محروم ٿي رهيا آهن. ان دوران جڏهن عام ماڻهو هر روز جي بقا لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن ته اقتدار ۾ ويٺل طبقي جي دولت تيزيءَ سان وڌي رهي آهي، سياستدان، وڏيرا، جاگيردار ۽ اعليٰ عهدن تي رهندڙ هر سال اربين روپين جا اثاثا جمع ڪري رهيا آهن. جڏهن ته غريب ماڻهو هر مهيني وڌندڙ مهانگائي ۽ بيروزگاريءَ جي دٻاءَ ۾ اچي وڃن ٿا. گذريل سالن ۾ روزاني خرچ ۽ مهانگائيءَ جا رڪارڊ ٽُٽي چڪا آهن جنهن سان عام ماڻهن لاءِ زندگي تنگ ۽ مشڪل ٿي وئي آهي. مزدور، استاد، نرس، ڊرائيور ۽ سرڪاري ملازم سڀئي survival mode ۾ آهن. ٻئي طرف، اقتدار ۾ ويٺل ماڻهن لاءِ هر بحران هڪ موقعو بڻجي ويو آهي. جڏهن ...

[illegible]

... منصفاڻو بڻائڻ واري پاليسين کي ترجيح ڏني وڃي. جيڪڏهن اقتدار ۾ ويٺل طبقي لاءِ هر بحران هڪ موقعو بڻجي سگهي ٿو ته عام ماڻهوءَ لاءِ به اهڙا موقعا پيدا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. صرف ائين ئي ملڪ ۾ سماجي انصاف، معيشت ۾ استحڪام ۽ عوام جي اعتماد کي بحال ڪري سگهجي ٿو.

بگڙا ڪوري ڳوٺ، جتي پراڻيون روايتون زنده آهن!

ذلفي چاچڙ

سنڌ جي شروعاتي شهر ڪموں شهيد کان اتر طرف نڪرندڙ لنڪ روڊ جيڪو ڪنيڙا پوليس اسٽيشن کان ٿيندو مريد شاخ شهر تائين اچي ٿو، ٻه ڪلوميٽر جي فاصلي تي جيڪو پهريون ڳوٺ اچي ٿو آهي. ان کي "بگڙا ڪوري" چوندا آهن. ان ڳوٺ نمان شهر تي اهو نالو ان ڪري پيو جو اتان جا رهواسي ڪوري برادريءَ جا ماڻهو اچي جمڙيءَ وارا يا گورا آهن. جن جو اکيون جيتي قوم جيان ننڍڙيون ۽ سنڌن مٿو، پرون، ڏاڙهي ۽ شهپرن جي وارن جو رنگ ڪٽڪائو هوندو آهي. جن جي چهرن مان سنڌن عمر جو ڪاٿو لڳائي ناهي سگهبو آهي. جو ته پڪا، پوڙها ۽ نوجوان هڪ جيترا لڳندا آهن. جيڪڏهن انهن مان ڪو ماڻهوءَ دبئي يا ڪنهن ٻئي ٻاهرين ملڪ هليو وڃي ته ڪين اتان جا ماڻهو سنڌي يا پاڪستاني بدران انگريز تصور ڪندا آهن. ان ڳوٺ جي رهواسين جا ٻيا مائٽ سنڌي مختلف شهرن ۽ پنجاب ۾ پڻ رهن ٿا. مخصوص لهجو ۽ منفرد مشابهت رکندڙ اهي ماڻهو پنهنجي ٽر ۾ پري کان ئي آسانيءَ سان سڃاتا ويندا آهن. بگڙا ڪوري بنيادي طور تي هاري ٿي آهن. جيستائين منهنجو خيال آهي ته انهن ۾ ڪو به شخص بي زمين ناهي، وٽن ڪجهه نه ڪجهه ذاتي زمين هجي ٿي، جيڪا خود کيڙي ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن جو پيٽ پاليندا آهن. هتان جون ٻنيون زرخيز آهن. جن ۾ ڪمند، ڪيلا، ڪڻڪ، ساريون، مڱ، ووڻڻ، ڀاڄيون ۽ ٻيو فصل ٿيندو آهي پر زمين کي سٺو هر فصل کي زرعي دوائون ۽ ڀاڻ وغيره گهٽ يا نه ڏيڻ سبب هتان جا رهواسي پنهنجي فصل مان ڀرپور لاڀ حاصل ڪري مناسب فائدو ڪٿي ناهن سگهندا. اهو عمل سنڌن ناتجربيڪاري نه پر سادگي ٿي آهي. هن برادريءَ جا ماڻهو تعليم پرائڻ سان گڏ ٻيا مختلف هنر به سکي ورتا آهن ۽ سرڪاري نوڪرين ۾ به سنڌن چڱو تعداد آهي پر هو خود کي "ڪيڙي آڻڻ وارا ڪوري" سڏائڻ ۾ فخر ...

[illegible]

آمريڪا جي فضائن مان

27هين ترميم، جمهوريت جا زخم، استحڪام جو خواب ۽ منهنجا سوال

راجا زاهد اختر خانزاده

مون اکيون اُن دور ۾ کوليون جڏهن پاڪستان تي ضياءالحق جي مارشل لا هئي. اخبارن جا صفحا پڙهڻ کان اڳ ئي ڪٽجي ويندا هئا. استاد ۽ شاگرد جيلن ۾ هوندا هئا. جلسا جلوس ڏوهه هئا ۽ جمهوريت ڪنهن ڪتاب جي تعريف نه پر ڪوڙن جا نشان، لاٺي چارج جي تپش ۽ خاموش پابندين جو ٻيو نالو هئي. اسان ۽ اسان جهڙا هزارين ماڻهو، اُن خواب لاءِ نعرا هڻندا رهياسين ته هڪ ڏينهن ووٽ جي حرمت هوندي، اختيار چونڊيل ماڻهن وٽ هوندو ۽ وردي صرف سرحد تائين هوندي. شايد انهيءَ ڪري اڄ به منهنجو ذهن آسانيءَ سان قبول ڪرڻ لاءِ تيار نٿو ٿئي ته پاڪستان جي استحڪام جو نسخو ڀي آئيني ترميم يا هڪ ٻئي طاقتور عسڪري عهدو ٿي سگهي ٿو.

اڄ مان آمريڪا ۾ رهندو آهيان. پاڪستان سان منهنجو رشتو نه ووٽرلسٽ جو آهي نه ڪنهن عهدي جو پر ياد ۽ خواهش جو آهي. اهو ملڪ جتي اسان پيدا ٿياسين. اسان جي سڃاڻپ جي پهرين لڪير اُتي ئي نهي، ۽ انهيءَ ڪري دل اڄ به چاهي ٿي ته پاڪستان ڪنهن طرح پڇاڙهه مان ٻاهر نڪري سڌي پير هلي. پر عجيب ڳالهه آهي ته اهي ساڳيا دوست جيڪي ڪڏهن جنرلن جو نالو ٻڌندي ڪاوڙجي پوندا هئا. اڄ انهن لاءِ اکين ۾ روشني ۽ زبان تي دليل رکن ٿا. ڊيلس، هيوسٽن، نيويارڪ ۽ واشنگٽن ۾ هاڻي بحث اهو ناهي ته ادارن کي پٺتي هٽڻ گهرجي، پر اهو آهي ته جيڪڏهن ڪو هڪ جنرل واقعي ڪرپشن خلاف بيٺو آهي، ڀارت کي سخت جواب ڏئي چڪو آهي، طالبان جي اک ۾ اک وجهي ڳالهائي ٿو ۽ اسمگلنگ جا نالا نڪتل نيٽ ورڪ ٽوڙي چڪو آهي ته چا ڪيس آئيني حصار نه ملڻ گهرجي، جيئن هو کلي ڪري ڪم ڪري سگهي.

جڏهن مان اهي ڳالهيون ٻڌندو آهيان ته منهنجو اندر وارو ...

سنڌن چوڻ آهي ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهڙي دٻاءَ ۾ به رياست کي سڌي راهه تي آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ته پوءِ بغير آئيني تحفظ جي هر سياسي موسم اينڌي ته سنڌس هر فيصلي کي جرم بڻايو ويندو ۽ هر قدم کي سازش چيو ويندو.

مان هن ترميم جو ناقد رهيو آهيان، هن مفصل ڪالمن ۾ مخالفت ڪئي آهي، مون کي خوف آهي ته طاقت کي وڌيڪ آئيني سپورٽ ڏيڻ سان جمهوريت جو ڪمزور گهر وڌيڪ پوئتي ڌڪجي ويندو.

پر هن وقت ڪڏهن ڪڏهن مان خود به لاجواب ٿي ويندو آهيان. جڏهن دوست دليلن سان ويهندا آهن. هو چون ٿا: "جيڪڏهن تو پاڻ لکيو آهي ته آرمي چيف اڳ ئي طاقتور هوندو آهي ته پوءِ هاڻي جيڪڏهن اها حقيقت آئيني متن ۾ اچي رهي آهي ته ان ۾ نئون گناهه ڪهڙو ٿيو؟" PTI جو نالو اچي ٿو ته بحث وڌيڪ تلخ ٿي وڃي ٿو. حامين جو موقف آهي ته 2018 جو هائبرڊ نظام ته PTI پاڻ ناهيو. انجنيئرڊ اليڪشن، مخصوص بيانيه، ڪمزور سول حڪومت ۽ طاقتور سايو... اهو سڀ ڪجهه پاڻ قبول ڪيو ويو. جڏهن سايو سنڌن پاسي هو، اهو نظام نئون پاڪستان لڳندو هو.

جڏهن رخ بدليو، ساڳيو نظام ظلم ۽ ناانصافي ٿي پيو. دنيا جي تارن جمهوريتن جي سروي به ساڳي ڳالهه ٻڌائي ٿي، ماڻهو جمهوريت کي نظرياتي طور بهترين چون ٿا پر پنهنجن ملڪن جي جمهوري ڪارڪردگيءَ کان سخت مايوس آهن. آمريڪا کان يورپ تائين معاشي نابرابري، بدعنواني، ادارن جي ٽڪراءَ ۽ ميڊيا جي خريد و فروخت سبب بي چيني وڌي آهي. ڀارت جو مثال ته سامهون آهي، دنيا جي وڏي جمهوريت، پر رپورٽن ۾ "انتخابي آمريت" ميڊيا ڪنٽرول هيٺ، عدليه تي ...

[illegible]

... ڪيون. پر روشني، دليل ۽ مڪمل تصوير ڏانهن وڃي وڃون ۽ مان.. اڄ به ان ئي جاءِ تي بيٺل آهيان جتي روشني ۽ اونده گڏ ٿين ٿا. ناقد به آهيان، قائل ٿيڻ جي ڪشمڪش ۾ به ۽ شايد اها ئي ڪيفيت اڄ جي پاڪستان جي سڀ کان سچي تصوير آهي.

... پيري ڪنهن چيف انهن قائلن ۾ هٿ وڌو، ڪي ماڻهو هٽايا ويا، ڪي بند ڪمرن ۾ رکيل فائلون ميز تي آيون ۽ واضح پيغام ويو ته سرحد صرف جيو پالٽڪس نه پر معيشت جو سوال به آهي.

طالبان هجن، اندروني انتهاپسندي هجي يا ڀارت سان ڇڪتاڻ، انهن سڀني محاذن تي نسبتاً مضبوط ردعمل عاصم منير جي حامين جي دليلن کي وڌيڪ وزن ڏئي ٿو.

سنڌ ۾ مايوسي جا پوکيل فصل ۽ حڪومت خاموش تماشائي!



مير اعظم علي ٽالپر

اخبارن ۾ عام طرح سان هڪ ئي خبر ٻن مختلف طريقن سان شايع ٿيندي آهي. خبر جو تعلق روزانه ڪاڌي جي شين، واپار ۽ زراعت سان هوندو آهي. مثال طور تازو سنڌ ۾ ٽماٽن جي اگهه جو 500 کان 600 روپيا ٿي وڃڻ ۽ آسمان تي پهچي وڃڻ سبب اخبارن ۾ خبر هن ريت ڇپي هئي ته 'ٽماٽا 500 روپيا ڪلو، خريدارن جي مهانگائيءَ جيلهه ڇپي ڪري ڇڏي' ڪجهه ڏينهن بعد ساڳي ٽماٽن جي خبر ٿوري گهٽي فرق سان اخبارن ۾ هن طرح ڇپي ته 'ٽماٽا في ڇلي 20 ۽ ڪلو 30 روپيا، سنڌ جو ٽماٽو لهڻ شرط اگهه پٽ پئجي ويا، اگهن آبادگارن جي جيلهه ڇپي ڪري ڇڏي.' ان ڪانسواءِ 'ڪمند جو اگهه نامناسب، آبادگارن جا هٿي هٿ مٿي تي' ساڳي خبر ٿوري فرق سان وري اخبارن ڏني ته ڪنڊ في ڪلو 230 روپيا خريدارن جا هٿي هٿ مٿي تي.' جڏهن ته سنڌ ۾ سارين جو اگهه نه هئڻ ڪري آبادگار پريشان آهن. ٻئي طرف ساڳي خبر هن ريت اخبارن ۾ آئي ته 'جانورن جو اگهه چڙهي ويو خريدار پريشان' ۽ هاڻ ڪڻڪ جي پوکائي شروع ٿي آهي. جنهن لاءِ سنڌ سرڪار هاري ڪارڊ، ٻج، ڀاڻ ڏيڻ لاءِ دلفريب اعلان ڪيا آهن پر جڏهن ڪڻڪ لهندي يا ڪڻڪ جو پلو، ڊلو يا بمپر فصل لهندو ته نه باردانو ملندو نه سرڪاري اگهه ملندو. بس جيڪو سيٺ صاحب اگهه ڏنو سو يا نصيب!! سنڌ ۾ هن وقت ٻه فصل زراعت جا خاص ڪري وونئڻ ۽ سارين پنهنجي پڇاڙي يعني 'دي اينڊ' تي پهچڻ وارا آهن ۽ سنڌ جو خاص ۽ اهم فصل ڪڻڪ پوکجي رهيو آهي ۽ ان جي اگهه لاءِ آبادگارن جي اميدن جي ٻيڙي درياهه منجهه آهي. جڏهن ته سنڌ جو وڏو فصل ڪمند (زلف جي بند ڪمند وڏا) جيڪو ڪنهن زماني ۾ سنڌ اندر پهرين شگر مل فوجي شگر مل ٽنڊو محمد خان ۾ هوندي هئي ته 15 آڪٽوبر کان ڪمند جي پيڙهائي شروع ڪري ڇڏيندي هئي ۽ ڪمند جو مڻ 2 روپيا هوندو هو ۽ ٽرڪ پهچائڻ لاءِ مل مان انڊنٽ سلطان نالي شخص ڏيندو هو ۽ مل چالو ٿيڻ کان اڳ پهرين آڪٽوبر کانپوءِ ترت پنهنجي جمني هاري دونهون ڪڍڻ شروع ڪندي هئي ۽ اُن دونهين سان ٽنڊو محمد خان جو شهر 'چار' سان متاثر به ٿيندو هو پر ان کانپوءِ ڪمند جو اگهه وڌي ادائي روپيا مڻ ٿيو ته ڪمند جا آبادگار زميندار ڏاڍا خوش ٿيا هئا. اُن زماني ۾ ٽنڊو محمد خان جيڪو پهرين گوني نالي تعلقو هو اُن ۾ ڪمند جو هڪ مثالي ۽ بهترين زميندار راقم جو ڀڦاٽ مير گل حسن خان ٽالپر هوندو هو. مير گل حسن ٽالپر هڪ انسان دوست شخصيت ۽ درويش صفت طبيعت جو مالڪ هوندو هو ۽ جڏهن به سيارو ايندو ...

[illegible]

... آبادگار سوڻ ايائڻ واري زمين مان خوشحال ٿيڻ بدران بدحالي طرف وڃي رهيا آهن. سنڌ جا اصلي ڄانور نه ويا پر هائيبرڊ جنس جو ٻج ڳاتي توڙ اگهه تي ورتل اُن مٿان دوائن ۽ ڀاڻ جو خرچ ڪٿان نڪري. بهرحال سنڌ جي زراعت سان وابسته ماڻهن جو استحصال ختم ڪيو وڃي ۽ سرمائيدار واپاري طبقو زميندارن کي پنهنجي لاءِ سوني جهرڪي نه سمجهي ۽ هر لهندڙ فصل جا اگهه وقت تي مقرر ڪيا وڃن. راقم هڪ دفعي هڪ زرعي ماهر کان معلوم ڪيو هو ته جيئن ته ملڪ ۾ ڪڻڪ جو اگهه مقرر ڪيو وڃي ٿو بلڪل اُن وانگر سنڌ ۾ سارين جو به اگهه مقرر ڪيو وڃي، پر اُن زرعي ماهر راقم کي ٻڌايو ته سرڪار ڪڻڪ جو اگهه ان ڪري مقرر ڪري ٿي ته اُها هڪ جنس آهي پر سارين مختلف قسمن جون پوکيون وڃن ٿيون، ان ڪري سارين جي قيمت مقرر نه ٿي ڪري سگهجي. اهڙين ڳالهين جو نتيجو اهو ئي نڪري ٿو ته 'سنڌ جي زمين تي مايوسي جا پوکيل فصل آهن ۽ حڪومت خاموش تماشائي آهي.'

لطيفي لاٽ — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

انڌا اُونڌا ويجَ! ڳل ڳُجاڙيا ڪانئِين؟
اسان ڏُکي ڏِيل ۾، تون ڀيارِئين ڀيجَ؟
سُوري جنِين سيجَ، مرڻ تي مُشاهدو.
(سُر ڪلياڻ)

پنجين ورسيءَ تي ڀيٽا

هاري اڳواڻ ڪامريڊ اظهر جتوئي!

غلام حسين خاصخيلي

سنڌ ۾ هارين جي حقن لاءِ ڪامريڊ اظهر جتوئيءَ جي ڪيل خدمتن تي کيس سُرخ سلام پيش ڪريون ٿا. پاڻ هميشه هارين، پورهيتن ۽ مزدورن سميت مظلوم عوام جي حقن لاءِ سچائيءَ سان جدوجهد ڪئي. زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين پنهنجي مقصد تي سچائيءَ سان بيٺل رهيو. اهڙا ماڻهو املهه ماڻڪ هوندا آهن. جن لاءِ سنڌ جي عظيم شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جو بيت آهي ته

ماڻهو سڀ نه سَهڻا پکي سڀ نه هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اچي بوءِ بهار جي.

ڪامريڊ اظهر جتوئي به واقعي املهه ماڻڪ ۽ شخصيت هو جيڪو سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي مرڪزي صدر جي عهدي تي سچائيءَ سان بيٺل رهيو. ان سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي باني نامياري اديب ۽ شاعر ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جي ڏسيل راهه تي هلندي هميشه حق سچ جو ساٿ ڏنو ۽ عوام جي آواز کي بلند ڪيو. ڪامريڊ اظهر جتوئيءَ جي اهڙي جدوجهد کي ڏسي ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جو روح به خوش ٿيو هوندو ته منهنجي فلسفي نظرئي مطابق بيٺل رهيو. يقين اهڙا ڪردار تاريخ ۾ هميشه زنده رهندا آهن ۽ تاريخ انهن کي هميشه ياد ڪندي رهندي آهي.

هارين جي حقن لاءِ حيدر بخش جتوئي جيڪا تحريڪ شروع ڪئي، ان تحريڪ ۾ سنڌ جا هاري، پورهيت، وڪيل، شاگرد، اديب، صحافي ۽ دانشور پڻ هميشه ساٿس گڏ رهيا. پاڻ ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جي ان جدوجهد ۾ سچائيءَ سان وک وک تي گڏ رهيو. ان جدوجهد جي ڏئي کي ڪامريڊ جام ساقي، ڪامريڊ مظهر جتوئي، ڪامريڊ اظهر جتوئي، ڪامريڊ صالح بلو کان وٺي ڪامريڊ سخي محمد رمضان خاصخيليءَ تائين سمورا اڳواڻ هن جو ساٿ ڏيندا رهيا ۽ آخر تائين جدوجهد جي ميدان ۾ بيٺل رهيا، اهڙا امر ڪردار هميشه زنده رهندا آهن. اڄ ڪامريڊ اظهر جتوئيءَ جي پنجين ورسيءَ جي موقعي تي سنڌ هاري ڪاميٽيءَ طرفان حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ورسيءَ جي تقريب دوران ڪامريڊ اظهر جتوئيءَ جي ڪيل خدمتن تي لکيل ڪتاب "فرزند سنڌ ڪامريڊ اظهر جتوئي" جي مهورت پڻ رٿيل آهي. ڪامريڊ اظهر جتوئي جهڙا ڪردار هميشه امر رهندا.

روزگار لاءِ واجهائيندڙ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوار!

قاسم خاصخيلي

ملڪ ۾ جتي بي روزگاري ۽ مهانگائيءَ جي ڪري عام ماڻهو پريشان آهي. اتي سرنديءَ وارا توڙي سرڪاري ملازم ۽ مزدور طبقو پڻ سخت ڏکيائين جو شڪار نظر اچي رهيو آهي. ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، اٿڻ ويهڻ ۽ روزمره جي زندگي هڪ طرف مهانگائيءَ سبب متاثر ٿي رهي آهي ته ٻئي طرف وري بيروزگاريءَ جي سٽيل ڪيترن ئي عام ماڻهن سان گڏ ملڪ خاص ڪري سنڌ جا پڙهيل لکيل نوجوان انتهائي اذيتناڪ صورتحال کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن. سنڌ صوبي ۾ عام طور تي ٻين صوبن جي ماڻهن جي ڀرمار ۽ وڏي تعداد ۾ هتي رهڻ جي ڪري هتان جي پرائيويٽ نوڪرين تي ته اڪثر اهي ماڻهو قابض بڻيل آهن پر جيڪو ٿورو گهڻو آسرو هتان جي پڙهيل نوجوانن کي سرڪاري نوڪرين جو آهي اهي به شرطن ۽ ضابطن سبب ايترين ته ڏکيون بڻيل آهن. جنهن ڪري ويتر سنڌ جو نوجوان نه صرف مايوسيءَ جو شڪار نظر اچي ٿو پر نااميديءَ سبب هو همت هاريندي محسوس ٿي ...

گريس مارڪ ڏئي 33 مارڪون پوريون ڪري شايد ڪين آفر آرڊر جاري ڪيا ويا. بلڪ انهن کي پوسٽنگ آرڊر به ڏنا ويا. پر ان جي ابتڙ باقي سنڌ جي ڪافي علائقن ۾ 33 کان 39 مارڪون ڪٽي پاس ٿيندڙ اميدوارن کي آفر آرڊر نه مليا. جنهن تي آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوارن مختلف وقتن ۾ احتجاج ڪيا توڙي بُک هڙتالون به ڪيون. ان سلسلي ۾ 2023ع ڌاري معاملو سنڌ ڪابينا ۾ رکڻ جو پڻ چيو ويو. جنهن سان سنڌ جي آءِ بي اي پاس اميدوارن ۾ هڪ قسم جي سرهائيءَ محسوس ٿي يا اميد به پيدا ٿي پر ان تي به شايد ڪن سببن جي ڪري عمل نه ٿي سگهيو. نتيجي ۾ ...

هئا. انهن کي به آرڊر ڏنا ويا. بيروزگاري گهٽ ڪرڻ لاءِ سنڌ سرڪار جو اهو عمل ڪافي ساراهه جوڳو هو ۽ سنڌ جي ماڻهن ان فيصلي جي آجيان به ڪئي، ان جي ڪري سوين نوجوان روزگار سان لڳي ويا. هونئن به سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ لاءِ اهو مشهور آهي ته اها روزگار ڪسيندي ناهي، بلڪ روزگار ڏيندي رهي آهي. شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جو خواب هو ته سنڌ جا ماڻهو پنهنجن پيرن تي ...

2021ع ۾ 33 يا ان کان مٿي مارڪون کڻي ٽيسٽ پاس ڪئي هئي، يقينن پنج سال گذرڻ تي انهن جي عمر به پنج سال وڌي آهي جن مان ڪافي عمروڏڻ سبب اميدوار هاڻ ٽيسٽ ڏيڻ جي اهل به نه رهيا هوندا

معيار آهي، جتي جا نوجوان اهل به آهن ۽ جتي وڌيڪ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي. اتي جي نوجوانن کي ان قسم جي فيصلن سان مايوس ڪرڻ به مناسب عمل ناهي. جيڪڏهن شروع ۾ سٺ سيڪڙو تي نوڪريون ڏيڻ جو فيصلو ٿيو هو جيڪڏهن اهو به ڏکيو هو ته ان ڪري ئي گهٽ مارڪن تي نوڪريون ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ان ڳالهه جي ڪري ئي سنڌ حڪومت شڪ نٿو ڪري سگهجي ته ان بهتر فيصلو ڪري پنجونجاهه کان سٺ سيڪڙو يا ان کان به گهٽ 33 مارڪن تي نوڪريون ڏئي سنڌ جي سوين خالي پيل اسڪولن ۾ استاد پورتي ڪري اتي تعليمي نظام کي هلائڻ چاهيو هو. جيڪو قابل تعريف عمل آهي. پر هاڻ ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته گذريل 30 جون تي جتي ان ٽيسٽ وسيلي پاس ٿيندڙ اميدوارن کي نوڪريون ڏيڻ وارو سسٽم بند ڪيو ويو آهي ته اتي وري خالي ٿيل جاين تي نئين ٽيسٽ وٺڻ جو به چيو پيو وڃي. نئين ٽيسٽ به پهرين ورتي وڃي پر جن اميدوارن ...

[illegible]

qasimkhaskheli97@gmail.com

روزاني عبرت

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 532 سال 2025

مسمات عليزه ڌيءُ فرمان علي چانڊيو رهندڙ تاج ڪالوني نوابشاه ...پلينٽف...خلاف: نظير احمد پٽ مولا بخش پيرزادو رهندڙ اپر پورشن ڊاڪٽر ارباب چنا ڪلينڪ ويجهو بي.اي قاضي احمد ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 26-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 568 سال 2025

مسمات عبقيرا خاند ڌيءُ محمود احمد رهندڙ هائوس نمبر 06 شادمان بنگلوز ويجهو ڊاڪٽر اسودو ڪلينڪ سوسائٽي نوابشاه ....پلينٽف...خلاف: زوهيب شفاقت ميمڻ پٽ شفقت الله ميمڻ رهندڙ هائوس نمبر A-11 پروفيسر ريزيڊينسي شاه لطيف يونيورسٽي خيرپور ضلعو خيرپور سيل نمبر 0333-2796133....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

عام اطلاع

هر عام ۽ خاص کي اطلاع ڏجي ٿو ته اڻون نالي مسمات شمير زال حاجي يامين ٻهلر (مرحوم) جي ملڪيت، ۽ ان جو پٽ احمد ٻهلر جي پراپرٽي غلط طريقي سان وڪرو ڪئي وئي ته ان کي قبول نه ڪيو ويندو ان کي اسان طرفان رد ڪيو ويندو ۽ اگر ڪنهن پراپرٽي خريد ڪئي ته ان جا اسان ذميدار نه هونداسين. ملڪيت جا تفصيل هيٺ ڏجن ٿا: رهائشي پلاٽ نمبر16 ايراضي 1204 اسڪوائر فوٽ سروي نمبر 188/3 BC, 187/1D, 1874AD, 188/2C ديهه 86 نصرت شاه فيصل ٽائون نوابشاه (2.) بيو پلاٽ نمبر B-47: ايراضي 4950 اسڪوائر فوٽ سروي نمبر to4,25/1,1a25/2,3,4A215,216,219,127,128,24/1 واقع ديهه 50 داد گلشن آدم ڪالوني نوابشاه (3) سڪني پراپرٽي دوڪانن جي ڪليل ڇت ايراضي 5-43 اسڪوائر گز واقع لياقت مارڪيٽ نوابشاه، (4) گهر سٽي سروي نمبر 1649/51 ايراضي 152-7 اسڪوائر گز پاڪ ڪالوني نوابشاه (5) دوڪان سٽي سروي نمبر 909/5 ايراضي 6-6 اسڪوائر گز واقع محمد مارڪيٽ چڪرا بازار نوابشاه، (6) دوڪان نمبر 77 ايراضي 480 اسڪوائر فوٽ سروي نمبر 161/4,5:162/3:163,3,4:164/1,5 واقع نزد فارسي گارڊ سانگهڙ روڊ نوابشاه، 7) دوڪان نمبر 76 ايراضي 480 اسڪوائر فوٽ سروي نمبر 61/4,5:162/3:163,3,4:164/1,5 واقع نزد فارسي گارڊن سانگهڙ روڊ نوابشاه 8) گهر ايراضي 129 اسڪوائر فوٽ سٽي سروي نمبر 909/ A واقع محمد مارڪيٽ چڪرا بازار نوابشاه 9) گهر سٽي سروي نمبر 909/3,1 ايراضي 1503 اسڪوائر گز واقع موچي گلي نوابشاه

احمد رضا ولد محمد يامين رهائشي محله پاڪ ڪالوني نوابشاه ضلع شهيد بينظير آباد شناختي ڪارڊ نمبر: 45402-6888766-7، موبائيل نمبر: 03233008177

بقايا 32 — عامر نواز وڙائچ

27هين ۽ اچڻ وري 28هين آئيني ترميم اهي ترميمون آهن جنهن اسان جي ملڪ جي آئين جو جنازو ڪڍي ڇڏيو آهي جنهن ڪري هن وقت ملڪ ۾ لاقانونيت هلي رهي آهي. اهڙي خيالن جو اظهار هتن ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جيڪب آباد جي آفيس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هتن چيو ته اسين وڪيلن کي گذارش ڪنداسين ته اوهان سڀ انهي شخص کي ووٽ ڏيو جيڪي پروگورنمينٽ ۽ پرواسٽيبلشمينٽ ناهن جيڪي آزاد حيثيت ۾ بيٺل آهن جيڪي آزاد عدليا سين بيٺل آهن جيڪي اصل آئين سان بيٺل آهن ووٽ ان کي ڏيو جيڪي سنڌ ۽ پاڪستان سان بيٺل آهن هتن چيو ته جيڪڏهن حڪومتي مرضي سان جج مقرر ٿيا ميرٽ جي بنياد تي نه آيا ته پوءِ ملڪ مان انصاف ختم ٿي ويندو انصاف صرف وڏي ماڻهن کي ملندو غريب ماڻهن کان ان مان ڪوبه فائدو نه هلندو هتن چيو ته سکر ۾ وڪيلن جو جيڪو ڪنوينشن ٿيو هو ان دوران اسين اهو فيصلو ڪيو ته پورو هڪ هفتو عدالتن ۾ اندر احتجاج ڪبا ۽ چيف جسٽس کي اسين 8 ڏينهن جي مهلت ڏني هئي جنهن بعد اسين وري اهو فيصلو ڪيو ته عدالتي ڪم ڪار ۾ به رڪاوٽ نه اچي ۽ اسان جو احتجاج جو سلسلو به هلندو رهي ان لاءِ اسين اڄوڪو سمورو ڏينهن احتجاج جو سڏ ڏنو ۽ باقي جيڪي ڏهاڙا آهن انهن ۾ صبح کان 11 بجه تائين ڪورٽن جو ڪم هلندو ۽ 11 بجه کان پوءِ احتجاج جاري رهندو هتن چيو ته حڪومت پنهنجي جعلي حڪومت کي بچائڻ لاءِ 27هين آئين ترميم آندي آهي هتن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته فيڊرل ڪنسٽيٽيوشنل ڪورٽ جي جج کي وزيراعظم مقرر ڪندو جيڪو عوام نه پر حڪومت جو هوندو جيڪو سڀ کان وڏو نقصان آهي ان ڪورٽ جي اچڻ سان سپريم ڪورٽ جي اصل

بقايا 36 — تحريڪ تيز

فاران شوگر مل ۾ انڌو قانون آهي مزدورن کي پنج پرسنٽ بونس سميت بيون مراعتون نٿيون ڏنيون وڃن واعدا ڪري مطالبا تسليم ڪرڻ باوجود مزدورن کي پنهنجي حقن کان محروم رکيو پيو وڃي پر اسان خاموش نه ويهنداسين ڪمند جي پيڙهائي واري ڏينهن ڌرڻي جون تياريون مڪمل آهن ڌرڻو برطرف مزدورن جي بحالي سميت پنج پرسنٽ بونس ۽ بين مراعتن جي ملڻ تائين جاري رهندو

بقايا 37 — بائيڪاٽ، ڌرڻو

بائيڪاٽ سبب مختلف ڪيس جي پيروي لاءِ پهتل وڪيلن کي بار جي نمائيندن عدالتن ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو ويو جڏهن ته سائلين تاريخون وٺي واپس روانا ٿي ويا جڏهن ته 26 هين ۽ 27 هين آئيني ترميم خلاف حيدرآباد ۾ وڪيلن جو پيادل هاءِ ڪورٽ ۽ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ کان وڪلا چوڪ تائين مارچ، ڌرڻو هنيو وڪيلن هاءِ ڪورٽ بار ۽ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ جي احاطي آڏو احتجاج ڪيو هاءِ ڪورٽ بار جي جنرل سيڪريٽري اسرار چانگ، الطاف سچل اعوان، فيصل مغل، ممتاز اعوان، جي ايم لغاري ۽ ذڪريا بلوچ جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي پيادل مارچ

بقايا 44 — وفات ڪري ويو

ويو جتي علاج دوران سنڌس ساهه جي تند ٽٽي پئي سنڌس جنازي نماز درگاهه شريف واري قديمي عيدگاهه ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ مختلف مڪتبه فڪر وابستہ شخصيتن ۽ ٻڌي برادري وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم کي سوين آلين اکين سان مقامي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته ڏکويل خاندان سان تعزيتن جو سلسلو جاري آهي

بقايا 45 — وارثن حوالي ڪيو

شهر جي مختلف علائقن ۾ سرچ آپريشن شروع ڪيو پوليس جديد طريقن اختيار ڪندي حڪمت عملي ۽ تيز ڪارروائي ذريعي ٿوري وقت ۾ اهم ڪاميابي حاصل ڪئي آخرڪار مسلسل ڪوشش جي نتيجي ۾ 5 سالن جي عنايه عباسي کي محفوظ طور تي بازياب ڪرايو ويو بعد ۾ قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ننڍڙي کي سنڌس پيءُ غلام حيدر عباسي جي حوالي ڪيو ويو

پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ

URAAN PAKISTAN

(Wholly owned subsidiary of State Bank of Pakistan)

اُچن جي ڪوٽ (هڪ مرحلو- ٻه لفافي جو طريقيڪار)

پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ (PSPC) معروف مينوفيڪچررز/ سپلائرز کي F.O.R جي بنياد تي مهربند واڪ طلب ڪيا وڃن ٿا.

Tender No.	Bid Doc. Submission	Bid Opening Date & Time	Earnest Money	Description of Job Items	Qty
LP/T-2338/25/ABZ	04-12-2025 11:00 A.M.	04-12-2025 11:30 A.M.	Rs. 86,000/- Fixed	SERVICES ARE REQUIRED FOR CLEANING DRAIN BY PRESSURE PUMP (AS PER BOQ)	01 Job

تصريحات/ بي او ڪيو/ تفصيل لاڳاپيل دستاويزن سان گڏ EPADS شامل آهن.

- آچون بذريعه EPADS شرڪت جي خواهشمند واڪ ڏيندڙن جي موجودگيءَ ۾ کوليون وينديون. مشروط/ نامڪمل واڪ دستاويز قابل غور نه هوندا ٻيا شرط ۽ ضابطا ٽينڊر دستاويزن جي مطابق هوندا.
- ٽينڊر اشتهار پيپرا ۽ پي ايس پي سي جي ويب سائيٽ: www.ppra.org.pk ۽ www.pspc.gov.pk تي ڏسي سگهجن ٿا. جڏهن ته مڪمل ٽينڊر دستاويز جنهن ۾ ڪم جي تفصيلي وضاحت ۽ ٻيا شرط ۽ ضابطا شامل آهن، EPADS تي ويب سائيٽ: www.eprocure.gov.pk تي دستياب آهن.
- ٽينڊر دستاويز ۾ درج هدايتن جي مطابق تيار ڪيل اليڪٽرانڪ واڪ مذڪوره مٿي وقت ۽ تاريخ تائين بذريعه EPADS لازمي جمع ڪرايا وڃن واڪ دستي طور تي قبول نه ڪيا ويندا. اِي واڪ کي مقرر وقت ۽ تاريخ تي بذريعه EPADS کوليا ويندا.

ڊپٽي جنرل مئنيجر، پرچيز ڊپارٽمينٽ، پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ

جناح اوينيو ملير هالٽ، ڪراچي-75100 فون نمبر: 021-99248511 (ايڪسٽينشن: 2202-19)/ www.pspc.gov.pk

PID K-1743/25

لکي غلام شاهه جي ڪچي ۾ ارڙيءَ جي وبا ڦهلجي وئي، ٻن ڏينهن ۾ ٻه ٻارڙا فوت

ڳوٺ ربڏنو جتوئي ۾ 4 ورهين جو ثناءَ الله پٽ سليمان ۽ هڪ سال جو علي مرتضيٰ پٽ فضل جتوئي فوت ٿي ويا

ڪچي جي ٻين علائقن ۾ سوين ٻارڙا ارڙيءَ جي بيماريءَ ۾ ورتل، ڳوٺاڻن پاران صحت کاتي کان نوٽيس جو مطالبو

لکي غلام شاهه (رپورٽ عبدالرزاق مهر) چڪ جي ڪچي ۾ ارڙيءَ جي وبا ڦهلجي وئي، ٻن ڏينهن اندر ٻه ٻارڙا فوت ٿي ويا. ڳوٺ ربڏنو جتوئي ۾ ڇهن سالن جو ثناءَ الله پٽ سليمان مرناڻي جتوئي ۽ هڪ سال
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه: فوتي ٻارڙي جو لاش پيل آهي

شهدادپور ۾ قتل ٿيل عبدالغفور ڪوسو جو ڪيس 5 جوابدارن خلاف داخل

عنايت الله جي فرياد تي شعبان، ياسين، بابل ۽ ٻين خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

شعبان سميت ٽن جوابدارن کي حراست ۾ وٺي جاچ شروع ڪري ڏني آهي: پوليس

شهدادپور(ن ع) گذريل ڏينهن شهدادپور راشدي ڪالوني ۾ هٿيارٻندن فائرنگ ڪري قتل ٿيندڙ عبدالغفور ڪوسو جي مڙهه کي سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان ڳوٺ دوست محمد ڪوسو ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. هوڏانهن شهدادپور پوليس واقعي جو ڪيس عنايت الله ولد صاحب خان ڪوسو جي فرياد تي هرهڪ شعبان ڪوسو ياسين ڪوسو بابل فريد مريد علي احمد بابو خلاف
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

اوٻاوڙو لڳ ڌوهاري ڪوچي ڪتن جي ٽيم کي چوري ڳولڻ بهاني گهرائي اغوا ڪري ويا

ڌوهارين فون ڪري ٽريڪٽر چوري بهاني صادق آباد مان ٽيم کي مريد شاخ سڌائي اسڪول اڏي جي علائقي مان اغوا ڪيو

مغوي عبدالخالق، محمد رفيق سولنگي، عدنان آرائين ۽ جميل آرائين کي ڪتن ۽ ڪار سميت ڌوهاري کڻي ويا

پنجاب ۽ سنڌ پوليس ايف آءِ آر داخل ڪرڻ کان انڪاري آهن، نوٽيس وٺي مغوين کي آزاد ڪرايو وڃي: وارث

اوباوڙو (رپورٽ غلام قمبر بوهڙ) مريدشاخ صادق آباد مان ڪوچي ڪتن جي ٽيم کي چار ڏينهن اڳ چوري ٿيل ٽريڪٽر جي ڳولا ڪرڻ جي لاءِ مريد شاخ سڌائي اسڪول اڏي جي علائقي جي آس پاس مان ڪار ۽
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

اوٻاوڙو: ڌاڙيلن پاران جاري ڪيل وڊيو ۾ مغوي سندن آزادي جو مطالبو ڪري رهيا آهن

ٽنڊوآدم ۾ شاهينگ ڊاٽسن ڊرائيور کي نشي آور شيءِ کارائي روڪ رقم ۽ سامان کڻي فرار ٿي ويا

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ نامعلوم شاهينگ ڊاٽسن ڊرائيور خادم حسين چنو کي نشي آور شيءِ کارائي بيهوش ڪرڻ بعد سنڌس کيسي ۾ پيل هزارين روپيه
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو پرسان وين مان ڪري مسافر زخمي، اسپتال داخل

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو پرسان ڳوٺ خميسو حطار سامهون تيز رفتار وين موڙ اچڻ سبب وين مان اوچتو ويٺل مسافر
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

بدين: سنڌ حڪومت پاران راڳي استاد بادل راهي جو بيماري جو نوٽيس وٺندي امداد چيڪ ڏنو

بدين (ع ر) سنڌ جي نامياري راڳي استاد بادل راهي جي بيماري جون خبرون ميڊيا تي اچڻ کان پوءِ سنڌ حڪومت معاملي جو نوٽس ورتو آهي صوبائي وزير ثقافت پاران هڪ لک پنجاهه هزار جو چيڪ جاري ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ سنڌ حڪومت جي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

بدين: سنڌ جو ٻلوڙ راڳي بادل راهي بيماري جي بستري تي پيل آهي

مٺي: جماعت اسلامي ٿرپارڪر جي اجتماع عام جون تياريون مڪمل

ياسين لطيف مغل، ٿر جي مختلف علائقن جو تنظيمي دورو ڪيو

500 ڪارڪنن تي مشتمل قافلو سيائي لاهور روانو ٿيندو: ياسين لطيف مغل

مٺي (د-ر)جماعت اسلامي ٿرپارڪر جي اجتماع عام جون تياريون مڪمل 500 ساٿين تي مشتمل قافلو 19 نومبر تي لاهور روانو ٿيندو، جماعت اسلامي ٿرپارڪر جي ضلعي امير ياسين لطيف مغل گذريل ڏينهن ٿر جي مختلف علائقن جو تنظيمي دورو ڪيو ۽ اجتماع عام ۾ شرڪت لاءِ تيارين کي آخري شڪل ڏني. جنهن بعد هن مٺي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه لڳ چلهه جي ڇٽنگ مان 5 گهرن کي باهه، الهه تلهه سڙي رک

ڳوٺ غلام شبير خروس واسي فرد، شبير، گلشير ۽ ٻين جي گهرن کي باهه دکوڙيو

باهه سبب الهه تلهه رکي ٿي ويو آهي، بچا کاٻيل آسمان هيٺ ويٺل آهن مدد ڪئي وڃي: متاثرين

لکي غلام شاهه(ن ع) لکي غلام شاهه ويجهو قاضي ڳوٺ پرسان ڳوٺ غلام شبير خروس ۾ گهرن جي چلهه جي ڇٽنگ مان اوچتو باهه لڳي وئي 5 گهرن کي باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ لکين روپين جو سامان سڙي رک ٿي ويو متاثرين ۾ غلام شبير ولد ڪبڙ خروس، غلام فريد ولد غلام شبير خروس،گلشير ولد غلام شبير خروس، ڪمبير ولد ڪبڙ خروس، لکمير ولد ڪبڙ
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه: باهه سبب سڙي ويل گهرن جو ڏيک

ٽنڊوآدم لڳ چور ڳوٺاڻي جو موٽرسائيڪل کاهي ويا، اين سي داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم حيدرآباد روڊ تي اجوا هوٽل ٻاهران نامعلوم چابي چور قيصر گهوٽ جي رهواسي شاهجهان خاصخيلي جي سي ڊي 70 موٽرسائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا واقعي جي اين سي ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي آهي .

کيرپور ٿاڻي ويجهو چور دڪان کي ڪاٽ هڻي سامان ٻهاري ويا، متاثر جو احتجاج

خيرپور(د.ر) اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ايس
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪورواهه ۾ راڳي الهڏنو ۽ محبوب خاصخيلي جي ياد ۾ ميڙاڪو لفظن جي پيڙا پيش

تقريب ۾ نواز خان زئور، نواز شاهه پاڏائي، امير حسن پنهور، ميان مير چانڊيو ۽ ٻين جي شرڪت

ماسترچندن الهڏنو خاصخيلي جهڙن فنڪارن ۽ ٻڌندڙن جي دلين تي هميشه راڄ ڪيو: مقرر

ڪورواهه (رپورٽ: غلام علي مغل) سنڌ جي بن پائر راڳين الهڏنو ۽ محبوب خاصخيلي جي ياد ۾ ڪورواهه ۾ هڪ پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ اديبن ، صحافين، شاعرن، فنڪارن ۽ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي قومپرست اڳواڻ نواز خان زئور نواز شاهه پاڏائي، امير حسن پنهور ، ڪالمنگار ميان مير چانڊيو ۽ ٻين پنهنجي خطاب ۾ الهڏني
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ساماڻ لڳ سي آءِ اي پوليس پاران 4 جوابدارن کي چوري سامان سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

جوابدارن بودرفارم ٿاڻي جي حد مان عمر چيما ۽ ڪوٽ غلام محمد ٿاڻي جي حد مان پرپو ميگهواڙ جي گهرن چوري ڪئي: پوليس

ڇاپن دوران جوابدار راشد، رجب بنگلاڻي، محمد رحيم بنگلاڻي ۽ سهولتڪار ڏارشي ڪولهي کي گرفتار ڪيو آهي

جوابدارن وٽان چوري ڪيل روڪ رقم، سونا زيور، موبائيل فون، قيمتي سامان ۽ هٿيارٻند پڻ هٿ ڪيا آهن

ساماڻو (رپورٽ: کيمچند مالهي) ساماڻو ايس ايس پي عمرڪوٽ جي هدايتن تي پوليس جي ڪاروايون گهرن مان ڏاڙا هڻندڙ گروهه جا ٽي جوابدار ۽ هڪ سهولتڪار گرفتار جوابدارن جي قبضي گهرن مان هنيل
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

سورو: زخمي نوجوان جو اسپتال ۾ علاج ڪيو پيو وڃي

هاري ڪارڊ لاءِ ايندڙن کي ڪنهن به قسم جي تڪليف، ديريا غير ضروري پريشاني نه ڏني وڃي: ڊي سي سکر

سکر(بيورو رپورٽ) ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان جي سربراهي ۾ تعلقه پنو عاقل ۾ هاري ڪارڊ بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو. اجلاس ۾ ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ريجنل مينيجر سنڌ بئنڪ اسسٽنٽ ڪمشنر پنو عاقل ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي. ڊپٽي ڪمشنر سکر هاري ڪارڊ بابت عوامي سهولتن ۽ سروس ڊليوري ۾ بهتري جي حوالي سان
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سگيون ۾ ڳوٺ راوت مشوري واسين جو اسڪول ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو

سگيون (ن ع) سگيون پرسان ڳوٺ راوت خان مشوري ۾ واقع گورنمينٽ پرائمري بوائز پرائمري اسڪول بنيادي سهولتون نه هئڻ ڪري معصوم شاگردن ۽ شاگرديائين کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ڪيترن ئي سالن کان نلڪو ناڪاره بڻيل آهي اسڪول کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڳوٺاڻن طارق عرف لاهوتي مشوري جعفر مشوري
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ اوٻاوڙي واسي نوجوان جو والد جي اغوا خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ)اوباڙو جي رهواسي نوجوان طرفان پنهنجي والد جي اغوا خلاف سکر پريس ڪلب آڳيان احتجاج، اعليٰ اختيارين کان فوري بازيابي جو مطالبو،ان سلسلي ۾ اوباڙو سان تعلق رکندڙ محمد ڏيشان قمبراڻي پنهنجي والد شبير احمد قمبراڻي جي پُراسرار اغوا خلاف پريس ڪلب آڳيان احتجاج ڪندي هن ميڊيا کي ٻڌايو ته سندس والد سوئي سدرن گيس
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

لاهور: هڪ چنگچي ڦٽي تي لاڏائو ڪٽنب سفر ڪري رهيو آهي

ڪنري منشيات الزام ۾ نوجوان کي گرفتار ڪرڻ دوران وارثن پوليس ۾ جهيڙو، احتجاج

جهيڙي دوران ڇڪتاڻ وڌي وڃڻ بعد ڪاروبار بند،پوليس موبائيل کي نقصان، وڪيل فتح چانڊيو جا ڪپڙا ڦاٽي پيا

ڪنري پوليس 35 کان مٿي ماڻهن خلاف ڊيوٽي اٽڪاءُ ۽ منشيات فروشي جا ٻه ڪيس داخل ڪري ڇڏيا

گهربل جوابدار منصور دادا چانڊيو ٻه گرفتاري ڏئي ڇڏين وڪيل قاضي فتح چانڊيو قانوني رستو اختيار ڪرڻ جو فيصلو

ڪنري(ن ع) ڪنري لڳ پڪو موڙ اسٽاپ تي زبير چانڊيو جي ڪيبن تان مبينه طور منشيات هٿ اچڻ ۽ گهربل جوابدار منصور دادا چانڊيو جي گرفتاري تان جوابدارن جي وارث چانڊيا برادري ۽ پوليس وچ ۾ جهيڙو
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

سب ڊويزن ٽنڊو ڪوٽ ٽيل آبادگار ايسوسيئيشن جي چونڊ، صدر محمد عظيم چانڊيو مقرر

ٽنڊو ڪوٽ (ن ع)سب ڊويزن ٽنڊو ڪوٽ جي ساخن جي عهديدارن جي چونڊ ٽيل آبادگار ايسوسيئيشن جي اڳواڻن محمد يوسف راجپوت، زاهد نون ۽ چودري انعام جي نگرانيءَ ۾ ٽنڊو ڪوٽ ۾ منعقد ٿي چونڊ جي عمل ۾ سب ڊويزن ٽنڊو ڪوٽ جي اڪوکو شاخ شير شاخ بان شاخ ڏهيکي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي جي صحافي مير محمد سهتو جي جنازي نماز سندس اباڻي ڳوٺ دالي ۾ ادا ڪئي وئي

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي جي سينئر صحافي مير محمد سهتو جي جنازي نماز سندس اباڻي ڳوٺ دالي ۾ ادا ڪئي وئي .جنازي نماز ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ نوشهروفيروز راڻو محمد اڪرم . ڊاڪٽر سيد نثارعلي شاهه . ٽائون چيئرمين پريارو امتياز آرائين، پروفيسر اشرف علي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: ڪاٺين جي هڪ ٽال تي مزدور ڪاٺيون چيري رهيا آهن

خيرپور بار پاران 27 آئيني ترميم ۽ وڪيلن تي تشدد خلاف عدالتي ڪاروائين جو بائيڪاٽ

خيرپور(د.ر)خيرپور بار پاران عدالتي ڪاروائين جو بائيڪاٽ ٻڌائين ٿا تي آيل سوين ماڻهو وايس حڪومت پاران 27 آئيني ترميم آڻڻ سکر ڪنوينشن ۾ وڪيلن تي تشدد خلاف ڊسٽرڪٽ بار ڪائونسل جي سڏ تي خيرپور جي وڪيلن پاران عدالتي ڪاروائين جو بائيڪاٽ ڪيو
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

لاهور: مقامي پارڪ ۾ ٻارڙا شطرنج کيڏي رهيا آهن

حيدرآباد: ن ليگ جي ايم اين اي نزهت صادق ۽ نيلم ڪماري تقريب ۾ شريڪ آهن

ٺٽو پوليس مقابلي دوران ٻه بين الصوبائي جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

جهرڪ ۽ گهوڙاباڙي علائقن ۾ فائرنگ، پستول ۽ موٽرسائيڪل هٿ اچي

گرفتار جوابدار مختلف علائقن ۾ ڦرُ ڌاڙن ۽ موٽرسائيڪل چوري ۾ ملوث

چار جوابدار اچا فرار، پوليس جا ڇاپا جاري، زخمي جوابدار اسپتال منتقل

ٺٽو (د ر) ٺٽو پوليس مقابلي کان پوءِ ٻن بين الصوبائي جوابدارن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو ٻنهي جوابدارن خلاف مختلف ٿاڻن ۾ ڪيترائي ڪيس داخل ٿيل آهن چار جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب تفصيل موجب جهرڪ پوليس اسٽيشن جي حد ۾ پراڻي لنڪ روڊ، سري اسٽاپ جي ويجهو پوليس ۽ جوابدارن جي وچ ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ جوابدار کي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ انجمن تاجران ۽ هندو برادري پاران ڊي ايس پي جي تيار ڪيل رپورٽ رد

ڊي ايس پي عبدالقدوس ڪلهوڙ جي رپورٽ رد ڪري ٻيهر قرآن شريف تي جاچ ڪرائي وڃي: اڳواڻ

غلط الزام ۽ ظلم سبب هندو برادري جي لڏپلاڻ تيزي سان وڌي رهي آهي، نوٽيس ورتو وڃي

جيڪب آباد (د ر) انجمن تاجران جي صدر مير احمد علي بروهي، هندو جنرل پنچائت جي صدر لالچند سيتلاڻي اليڪٽرڪ يونين جي سريچند پاوناڻي، جماعت اسلامي جي ديدار علي لاشاري، گل حسن ڪالاڻي سميت ٻين پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ڪجهه مهينا اڳ سٽي ٿاڻي جي حد ۾ هندو برادري جي بيٺڪ تي پوليس طرفان ناجائز ڇاپي ۽ هندو برادري
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

سري: صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي، عبداللطيف ميمڻ ڊاڪٽر اقبال ميمڻ محمد ميمڻ ۽ انور ميمڻ سکي روپ چند رتناڻي جي گهر واري ۽ چيتن مل آروڙي ۽ منگل داس آروڙي جي پيڻ جي لاڏاڻي تي ڏک ونڊي رهيا آهن

سيوهڻ عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ ۾ ٻاهه لڳڻ بعد ڊائلسز سينٽر ٻيهر بحال، علاج شروع

انسٽيٽيوٽ انتظاميا ۽ ڊائريڪٽر جي ڪوشش بعد هفتي اندر مشينن جي مرمت ڪرائي وئي

ايمرجنسي شعبي بعد ڊائيلاسز سينٽر پڻ فعال آهي مريض علاج لاءِ اچي سگهن ٿا: ڊائريڪٽر

سيوهڻ(ن ع) صحت جي شعبي جي نالياري اداري سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز سيوهڻ ۾ هڪ هفتو اڳ ڊائلاسز سينٽر ۽ ايمرجنسي وارڊ ۾ اوچتو باهه لڳڻ واري واقعي ۽ ڪروڙين روپين جي ٿيل نقصان بعد انسٽيٽيوٽ انتظاميا ۽ ڊائريڪٽر جي ڏينهن رات ڪوشش بعد مشينن جي مرمت ڪري هڪ هفتي اندر ڊائيلاسز
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي اسپتال تي عدالتي انڪوائري ڪميٽي جو ڇاپو، رڪارڊ هٿ

ٽيم ڊاڪٽر بتول، ڊاڪٽر علي احمد ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ دوائن جي اسٽور تي ڇاپو هنيو

اسٽور انچارج پراڻو رڪارڊ ڏيڻ ۾ ناڪام، صرف سال جو رڪارڊ ٽيم حوالي ڪيو

خيرپور(د.ر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ جي حڪمن تي جوڙيل انڪوائري ڪاميٽي جي ميمبرن ڊاڪٽر بتول، ڊاڪٽر علي احمد ۽ ٻين اسپتال جي دوائن واري اسٽور تي ڇاپو هنيو ڇاپي دوران ڪاميٽي پاران گذريل سالن جي دوائن جي خريداري، سپلاءِ مريضن کي دوائن ڏيڻ سميت ٻيو لاڳاپيل رڪارڊ طلب ڪيو ويو اسٽور انچارج رحمت شيخ پراڻو رڪارڊ ڏيڻ ۾ ناڪام رهيو جڏهن ته
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڪلوئي ۾ پيپلز پارٽي تعلقه ڪلوئي جي نئين تنظيم جي تعارفي ڪچهري

صدر ارباب اڪبر عادل جي صدارت ۾ تنظيم کي مضبوط رکڻ ۽ ڀيسپلين سان ڪارڪردگي وڌائڻ جو فيصلو

پارٽي سيني لاءِ گهر آهي، عهدي وڏو يا ننڍو ناهي هوندو: محمد عمر لنڊ زور

ڪلوئي (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقه ڪلوئي جي نئين چونڊيل تنظيم جي تعارفي ڪچهري تعلقي صدر ارباب اڪبر عادل جي صدارت ۾ عادل هائوس ڪلوئي تي ٿي جنهن ۾ پيپلز پارٽي ضلع نائب صدر محمد عمر لنڊ خصوصي شرڪت ڪئي. ڪچهري ۾ صدر ارباب اڪبر عادل، انور لنڊ جنرل سيڪريٽري، آتم رام نائب صدر نارائڻ داس پيل، نائب صدر اشوڪ ڪمار ڊپٽي جنرل سيڪريٽري، محمد بخش چانڊيو ڊپٽي انفارميشن
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه: خيرپور سان ڳنڍيندڙ پل ۾ کڏا نظر اچي رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان پوليس جون ڪارروايون، 13 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ٽنڊو محمد خان (د ر) ٽنڊو محمد خان پوليس پاران چرس جي وڪري ۾ ملوث چرس سپلائير منير ملاح کان 2 ڪلو 26 گرام چرس ، احمد چوهاڻ کان هڪ ڪلو 230 گرام چرس ، بلال بروهي کان 630 گرام چرس ، غلام رسول عرف گگلو
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي واسي جو معذور پٽ سان ڳنڍجي پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي جي رهواسي عبدالغفار راجپوت پنهنجي معذور پٽ وقار راجپوت سان گڏ ميڊيا سينٽر ۾ پهچي ٻڌايو ته اسان ڪورٽ ۾ زمين جي مالڪي جو ڪيس داخل ڪيو ڪيو عدالت سگهوري منهنجي حق ۾ فيصلو ڪيو آهي اهو ليڪر
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

رٻيلا ۽ ارڙي جهڙين خطرناڪ بيمارين کان بچڻ لاءِ ٻارن کي حفاظتي ضروري آهي: ڊي سي نوابشاهه

نوابشاهه(س ر) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد عبدالصمد نظاماڻي ماءُ ۽ ٻار جي صحت مرڪز ۾ رٻيلا ۽ ارڙي کان بچاءُ لاءِ 12 ڏينهن جاري رهندڙ قومي ويڪسينيشن مهم جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر صحت عامه جي اهميت بابت ڳالهائيندي چيو ته رٻيلا ۽ ارڙي جهڙين خطرناڪ بيمارين کان بچڻ لاءِ ٻارن کي حفاظتي ويڪسينيشن ڪرائڻ نهايت ضروري آهي هن والدين کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجن ٻارن کي مقرر ڪيل مرڪزن تي
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

جام صاحب ۾ سخي جام ڏاتار جي عرس مبارڪ جو ڪمشنر نوابشاهه افتتاح ڪيو

عرس دوران گهوڙن جي ڊوڙ، ڪوڏي ڪوڏي، ملهه ۽ ٻين راندين جا مقابلا منعقد ڪيا ويا

اولياءَ ڪرام جا آستانا هميشه امن، اخوت، سهپ ۽ روحاني سڏائي جا مرڪز رهيا آهن: شهمير ڀٽو

نوابشاهه /جام صاحب (نمائندن وٽان) سنڌ جي مشهور بزرگ حضرت سيد اصغرعلي شاهه المعروف سخي جام ڏاتار جي 754هين ساليانين عرس مبارڪ جي ٽن ڏينهن وارين سرڪاري تقريبن جو ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن شهمير خان ڀٽو ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي درگاهه جي سجاده نشين فقير نويد حسين وسطڙو پي پي جي ضلعي صدر محمد سالم زرداري
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه: ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر سخي جام ڏاتار جي عرس جو افتتاح ڪري رهيا آهن

مورو لڳ لنڊڪي مائنر مان تازي چانول ٻار جو لاش هٿ، پوليس تحويل ۾ وٺي جاچ شروع ڪئي

مورو (ن ع) لنڊڪي ملاتر لڳ ڳوٺ پير بخش زرداري کان ننڍڙي تازي چانول ٻار جو لاش هٿ ڳوٺاڻن پاران پاڻي ۾ لڙهندڙ ننڍڙي جو لاش ٻاهر ڪڍيو ويو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو جنهن لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي جاچ شروع ڪري ڏني آهي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڊي سي سکر تعلقي اسپتال روهڙي پهچي ارڙي ۽ رٻيلا کان بچاءُ جي ٽيڪن واري قومي مهم جو افتتاح ڪيو

سکر(بيورو رپورٽ) ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان تعلقي اسپتال روهڙي پهچي ارڙي ۽ رٻيلا کان بچاءُ جي حفاظتي ٽيڪن واري قومي مهم جو باقاعدي افتتاح ڪيو ان موقعي تي ڊي سي سکر اسپتال جي مختلف وارڊن جو دورو ڪيو ۽
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

باقراڻي ٽائون آفيس ۾ سنڌ حڪومت طرفان نئين فائربگيڊ گاڏي چيئرمين حوالي ڪئي وئي

باقراڻي (ن ع) باقراڻي ۾ ٽائون ڪميٽي آريجا جي انتظاميا طرفان ڏنل درخواست تي پيپلزپارٽي جي قيادت پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ميڊم فريال ٽالپر جي هدايتن تحت سنڌ حڪومت طرفان موڪليل نئين فائربگيڊ گاڏي لاءِ باقراڻي ٽائون ڪميٽي حال ۾ تقريب ڪوٺائي وڃي جنهن ۾ ضلع ڪائونسل لاڙڪاڻو جي چيئرمين اعجاز احمد لغاري، وائيس چيئرمين اسدالله ڀٽو ۽ پ پ تعلقه باقراڻي جي صدر سردار طارق انور سياز باقراڻي پهچي فائربگيڊ ٽائون ڪميٽي آريجا جي انتظاميا چيئرمين سردار محسن
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ بائير پاڪستان طرفان ڪڻڪ جي بهتر پيداوار بابت زرعي سيمينار منعقد

مهانگائي ۽ موسمياتي تبديلين سبب فصلن تي خراب اثر پئجي رهيا آهن: محمد خان مري

موسمياتي تبديلي کي نظر ۾ رکندي آبادگارن کي خاص توجهه ڏيڻ جي ضرورت آهي

شهدادپور (ن ع) شهدادپور ۾ بائير پاڪستان جي طرفان مقامي هال ۾ ڪڻڪ جي بهتر پيداوار بابت زرعي سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ آبادگارن ۽ زرعي ماهرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سيمينار ۾ آبادگارن کي ڪڻڪ جي فصل تي جيتن جي حملي سبب مختلف بيمارين ۽ ان جي بچاءُ جي ڄاڻ ڏني وئي ان موقعي تي بائير پاڪستان جي ڊويزنل مينيجر محمد خان مري زرعي ماهر محمد خان وساڻ. آبادگار زرعي ماهر نياز حسين بوداڻي آبادگار. يار
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

26، 27 ۽ اچڻ واري 28 آئيني ترميم اسان جي ملڪ جي آئين جو جنازو ڪڍي ڇڏيو آهي: عامر نواز وڙائچ

جيڪڏهن حڪومتي مرضي سان جج مقرر ٿيا ميرٽ جي بنياد تي نه آيا ته پوءِ ملڪ مان انصاف ختم ٿي ويندو

فيڊرل ڪنسٽيٽيوشنل ڪورٽ جي جج کي وزيراعظم مقرر ڪندو جيڪو عوام نه پر حڪومت جو هوندو جيڪو سڀ کان وڏو نقصان آهي

شهيد بينظير ڀٽو جي اها سوچ نه هئي، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جيڪو آئين ناهيو هي سڀ ان جي پوئواري نٿا ڪري سگهن

جيڪب آباد (د ر) سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي صدارتي اميدوار محمد حسيب جمالي ۽ سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر ۽ ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي صدر عامر نواز وڙائچ چيو آهي ته 26هين
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: وڪيل اڳواڻ عامر نواز وڙائچ ۽ محمد حسيب جمالي ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

ٽنڊو غلام حيدر جي رهواسين جو بااثر زميندار خلاف احتجاج

بااثر وڏيري علي نواز باگراڻي اسان تي ظلم زيادتين جي انتها ڪري ڇڏي آهي

ڳوٺ جا رستا اسان لاءِ بند ڪري ڇڏيا آهن، فصل کي نقصان ڏنو آهي، نوٽيس ورتو وڃي:مظاهرين

ٽنڊو محمد خان(د ر) ٽنڊو غلام حيدر جي يونين ڪائونسل موريا جي رهواسي ڳوٺاڻن حڪومتي ڌر جي بااثر زميندار علي نواز باگراڻي ۽ ٻين طرفان مبينا طور زرعي زمين تي قبضي لاءِ سارين جي فصل جي موريا جي رهواسي ڳوٺاڻن جو بااثر حڪومتي زميندار جي مبينا زرعي زمين تي ڪيل قبضي خلاف احتجاج ، مظاهرو ، خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ ٽنڊو غلام حيدر
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پ پ اڳواڻ راول شرجيل ميمڻ زخمي جي عيادت ڪري رهيو آهي

خيرپور لڳ هٿيارٻندن پاران نوجوان کي اغوا ڪوشش دوران مزاحمت تي زخمي ڪري ڇڏيو، اسپتال منتقل

خيرپور(د ر) خيرپور لڳ زمان شاهه ڪانٽو وٽ هٿيارٻندن نوجوان عبدالغفار جاگيراڻي کي مبينا اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مزاحمت تي ڪيس ڪلاشنڪوف جا بٽ هڻي سخت زخمي ڪرڻ بعد موٽرسائيڪل موبائيل فون ۽ 50 هزار رپيا روڪ ڦر ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته زخمي نوجوان کي سول اسپتال خيرپور منتقل
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ضلعي انتظاميا حيدرآباد جو آتشبازي، ٽريفڪ، ايل پي جي وڪري ۽ ٻين مسئلن خلاف اجلاس

ڊي سي زين العابدين ميمڻ جي صدارت ۾ ٿيل اجلاس ۾ ايس ايس پي ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن جي شرڪت ڪئي

آتشبازي، غير قانوني ايل پي جي دڪانن ۽ غير قانوني پيٽرول پمپن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: ڊي سي

غير قانوني هوٽلن، ريڙهن، ڪيبن ، روڊن تي غير قانوني پارڪنگ ۽ رستن تي قائم حددخلين کي فوري طور تي هٽايو وڃي

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) ضلعي انتظاميا حيدرآباد جو اهم اجلاس ، آتشبازي ، حددخيلن ، ٽريفڪ مسئلن ۽ ايل پي جي وڪري تي سخت حڪم جاري ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ڦاران شوگر مل انتظاميه جي مزدور دشمن پاليسين خلاف تحريڪ تيز

برطرف مزدورن جي بحالي سميت ٻيا حق ڇني وٺنداسين: ايڊووڪيٽ جي ايم لغاري

رياض جاويد سلهري ۽ مختيار لغاري ڦاران شوگر مل کي مزدورن لاءِ جيل بڻائي ڇڏيو آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) ڦاران شوگر مل انتظاميه جي مزدور دشمن پاليسين خلاف تحريڪ تيز ٿي وئي آهي پيرڙهائي واري ڏينهن ڌرڻي جي تيارين جي سلسلي ۾ وڪيل برادري جون گڏجاڻيون جاري آهن ان سلسلي ۾ جي يو آئي سنڌ جي اڳواڻ ۽ نامياري قانوندان ايڊووڪيٽ جي ايم لغاري چيو آهي ته برطرف مزدورن جي بحالي سميت ٻيا حق ڇني وٺنداسين ڊپٽي جنرل مينيجر مختيار لغاري ۽ ريزيڊينٽ ڊائريڪٽر رياض جاويد سلهري ڦاران شوگر مل کي مزدورن لاءِ جيل بڻائي ڇڏيو آهي. جيل ۾ به قيدين کي بنيادي حق مليل هوندا آهن پر
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: بجلي جو ٿنڀو لڳائڻ لاءِ کڏو کوٽي رهيا آهن

حيدرآباد ۾ 26 ۽ 27 هين آئيني ترميم خلاف وڪيلن پاران عدالتي ڪاررواين جو بائيڪاٽ، ڌرڻو

بار ڪائونسل ۽ لائيرز ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي وڪيلن هاءِ ڪورٽ کان وڪلا چوڪ تائين مارچ ڪري ڌرڻو هنيو

سنڌ کي ورهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته سنڌ جا وڪيل رستن تي نڪري سخت مزاحمت ڪندا: مظاهرين

هاڻي مذمت جو نه پر مزاحمت جو وقت آهي آئين کي بچائڻ لاءِ هر سطح تي وينداسين

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد ۾ 26 ۽ 27 هين آئيني ترميم خلاف سنڌ بار ڪائونسل ۽ لائيرز ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي وڪيلن پاران عدالتي ڪاررواين جو بائيڪاٽ ڪيو حيدرآباد ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ سول ڪورٽ اينٽي ڪرپشن ڪورٽ بئنڪنگ ڪورٽ ليبر ڪورٽ دهشتگردي ڪورٽ سميت سموري عدالتن ۾ ڪاررواين جي
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: وڪيل مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊوآدم پوليس پاران 5 جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم سٽي پوليس ايس ايچ او شهاب اڪبر ڪولاچي جي اڳواڻي ۾ ڪاروايون ڪندي هڪ جوابدار غلام علي مڪراڻي کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان ڏيڍ ڪلو چرس برآمد ڪيو جڏهن ته ٻي ڪارروائي ۾ 4 منشيات فروشن محمد
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

پارٽي چيئرمين جي هدايتن تي ننڍن آبادگارن کي سبسڊي جي شروعات ٿي آهي: نواب وسان

صوبي جي 01 کان 25 ايڪڙ ايراضي رکندڙن کي سبسڊي سبب گهڻو فائدو ٿيندو

خيرپور(د ر)چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي محترم بلاول ڀٽو زرداري جن جي آبادگار مزدور ۽ هاري دوست پالسين تحت سنڌ حڪومت صوبي جي 01 کان 25 ايڪڙ ايراضي رکندڙن ننڍن آبادگارن کي ٻج ۽ ڀاڻ جي صورت ۾ اربين روپين جي سبسڊي ڏيڻ جي باقاعدگي سان شروعات ٿي چڪي آهي، هن عوام دوست قدم سان سنڌ جي آبادگارن ۽ هارين کي تمام گهڻو
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۽ ڀرپاسي ۾ ڊينگي ۽ مليريا پکڙجي وئي، ڏيڍ سو مريض اسپتال داخل، انتظاميا خاموش

بلاول ميڊيڪل اسپتال ۾ ڏيڍ سو کان وڌيل ماڻهو علاج هيٺ، خانگي اسپتالون پڻ مريضن سان ڀريل

بيماري ۾ تيزي سان واڌ باوجود ضلعي انتظاميا ۽ صحت کاتو تماشائي بڻيل، مڇر مار اسپري نه ٿي سگهيو

اسپتالن ۾ دوائن جي پڻ کوٽ هئڻ سبب عوام پريشاني ۾ مبتلا، اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو) ڪوٽڙي ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ ڊينگي ۽ مليريا جا مرض عام ٿي ويا آهن ۽ ان سلسلي ۾ ورتل ڄاڻ موجب رڳو ڪوٽڙي بلاول ميڊيڪل اسپتال ۾ ڏيڍ سو جي لڳ ڀڳ
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ نامياري آرٽسٽ، اديب ۽ شاعر غلام رسول "غرق" سان سرهي سانجهه

غرق هڪ ئي وقت اديب آرٽسٽ فنڪار ۽ صداڪار آهي هن ادب ۽ فن جي بي لوث خدمت ڪئي: اڳواڻ

سرور سخيراڻي، فيضان سخيراڻي، سلطانا سورٺ ۽ ٻين گيت پيش ڪري محفل کي جهومائي ڇڏيو

ڪوٽڙي (ن ع) سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪوٽڙي پاران ناليواري اديب، آرٽسٽ ۽ شاعر غلام رسول غرق سان پريس ڪلب ڪوٽڙي ۾ سرهي سانجهه ملهائي وئي جنهن کي خطاب ڪندي ناليواري اديب فهيم نوناري، رفيق عيساڻي عبدالله ڪوهستاني، پيرل ڪوسو ۽ ٻين چيو ته غلام رسول غرق گڻ رکي شخصيت آهي هو اديب آرٽسٽ فنڪار ۽ صداڪار آهي
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

سرگودا: مقامي ڪاليج جون شاگرديائيون بيڊمينٽن کيڏي رهيون آهن

ڪوٽڙي: سنڌي ادبي سنگت پاران غلام رسول غرق سان رهاڻ رچائي پئي وڃي

سکر ۾ معصوم علي اصغر منگريو جي بازيابي لاءِ وارثن جو 774 هين ڏينهن به احتجاج جاري

سکر(بيورو رپورٽ) اغوا ٿيل معصوم علي اصغر منگريو جي بازيابي لاءِ سکر پريس ڪلب جي سامهون مسلسل 774 ڏينهن کان احتجاج جاري آهي هو اڄ تائين بازياب نه ٿيو آهي ۽ جڏهن ته علي اصغر جي اغوا ڪندڙن ۽ پيپرن لاءِ نامزد ٿيل ڊي ايس پي خالد منگريو منظور منگريو
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ پنوعاقل واسي جو فراڊ ڪندڙ جوابدار جي گرفتاري لاءِ احتجاج، انصاف جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ)پنو عاقل جي ڳوٺ ماڻڪ جتوئي جي رهواسي عبدالوحيد جتوئي سکر پريس ڪلب اڳيان 16 لک 50 هزار رپين جي مبينه فراڊ ۾ ملوث شخص خلاف ڪارروائي نه ٿيڻ تي سخت احتجاج رڪارڊ ڪرايو.ه متاثر شخص ميڊيا کي ٻڌايو ته جوابدار غلام رسول ولد
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

باڍهه جي پ پ اڳواڻ روشن ٻڙدي جي ڀاڄائي لاڙڪاڻو اسپتال ۾ وفات ڪري وئي

باڍهه (ن ع) پ پ اڳواڻ روشن ٻڙدي جي ڀاڄائي ۽ تعليم کاتي جي رٽائرڊ ڪلارڪ عنايت الله ٻڙدي جي وڏي ڀيڻ وفات ڪري وئي مرحومه ڪجهه ڏينهن اڳ روڊ حادثي ۾ زخمي ٿي پئي هئي جنهن کي لاڙڪاڻي جي ٽراما سينٽر ۾ داخل ڪرايو
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

سکر مان گم ٿيل معصوم نينگري کي پوليس هٿ ڪري وارثن حوالي ڪيو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي نيو پنڊ ٿاڻي جي حد وسري علائقي سان تعلق رکندڙ نينگري عنايه عباسي منجهند گهر مان نڪري اوچتو گم ٿي وئي، جنهن تي سندس ڪٽنب فوري طور تي پوليس کي اطلاع ڏنو- نيو پنڊ ٿاڻي جي پوليس ٽيم
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

باڍهه ۾ شيخ برادري جو نيڪ مرد مشهور ڊسپينسر مولا بخش شيخ وفات ڪري ويو

باڍهه (ن ع) ٿئين باڍهه شيخ محلي جي رهواسي ۽ شيخ برادري جو نيڪ مرد مشهور ڊسپينسر مولا بخش شيخ ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد 73 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو. مرحوم جي جنازي نماز درگاهه شريف واري قديمي عيدگاهه ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ مختلف مڪتبهء فڪر سان سلهاڙيل شخصيتن ۽ شيخ برادري وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. مرحوم کي سوين آليل اکين سان مقامي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته پوئتين سان تعزيتن جو سلسلو جاري آهي.

ڪوٽڙي ۾ لغڙ جي ڏور سان موٽرسائيڪل سوار نوجوان جو ڳلو ڪپجي ويو، اسپتال داخل

ڪوٽڙي (ن ع)ڪوٽڙي جي علائقي غريب آباد ريلوي لائين لڳ موٽر سائيڪل سوار نوجوان عامر ذوالفقار اعوان لغڙ جي ڏور سان ڳلو ڪپجي ويو ڪيس زخمي حالت ۾ فوري طور علاج لاءِ بلاول ميڊيڪل اسپتال پهچائي طبي امداد فراهم ڪئي وئي

ڪراچي: هڪ ناري موٽرسائيڪل تي پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهي آهي

ڪنڊيارو پرسان چور ڳوٺاڻي جي موٽرسائيڪل کاهي ويا، متاثر پاران واپسي لاءِ احتجاج

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو پرسان ڳوٺ جاويد آرائين مان نامعلوم چور آصف ولد محمد يونس آرائين جي گهر ٻاهران بيٺل سي ڊي موٽر سائيڪل چوري ڪري ويا متاثر ڳوٺاڻي آصف آرائين ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو ته چوري ٿيل موٽرسائيڪل واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

فيصل آباد: ڪلاڪ ٽاور چوڪ تي نوجوان گرم ڪپڙا وڪرو ڪري رهيا آهن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.